# ننڊ وليون



شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننڍ وليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننڍ ولیون

(شاعري)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1992ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چاهٺ

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ڪمپيوٽچ سسٽمس هيرآباد حيدرآباد سنڌ. |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | شاهد گل پيو |
| پهريون ايڊيشن | آڪٽوبر 1992ع |
| قيمت | 55/- رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

NIND WALYOON (Poetry). Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition Ocotober 1992. Price Per Copy Rs. 55/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

اي موهن جي دڙي جي ڌرتي! جي
مان پيهر جهندس ته وري تنهنجي
واريءَ ڌانهن موٽي ايندس.
مون کي ٻي ڌرتيءَ تي ننڊ
نه ايندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com . books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

مان ۽ رباني جڏهن شڪوهيءَ ۽ شيلا وٽ رات جي مانيءَ تي ايراني ڪلچرل سينٽر ۾ هوندا هئاسين ته پنهنجيءَ ڪيفيت ۾، اڌ رات جو گڏجي امير خسروءَ جو هيٺيون شعر گنگنائيندا هُياسين:-

همه آهوانِ صحرا سَرِ خود نهاد برڪف
به اُميد- آن ڪه روزي بشڪار خواهي آمد

(ترجمو: رڻ جا سَڀ هَرڻ پنهنجا سِرَ ترِيءَ تي رکي آيا، انهيءَ اُميد تي ته تون ڪڏهن نه ڪڏهن شڪار ڪرڻ ايندين)

مون تي جڏهن شاعريءَ جي ڪيفيت طَاري ٿيندي آهي (اڪي مهينو ڪن ٿيندي هئي ۽ هاڻي سال ڪان وڌيڪ وقت ٿي ويو آهي ته اوڙڪون ڪري وسي رهي آهي). تڏهن ڪائنات جو هر ذرو سِرُ تِريءَ تي ڪنيو بيٺو هوندو آهي ته مان تنهنجي شڪار لاءِ آهيان. ڇا چنڊ، ڇا ستارا، ڇا ڪَتيون، ڇا هي اڪٽ سنسار، ڇا اُن جا وَن واس وارا قول، وليون ۽ هرٽيءَ جي اڪين واريون ۽ گهنگهور گهٽائن جهڙيون من- موهٽيون نارِيون، سڀئي پنهنجو پاڻ آڇي چوندا آهن ته اسان کي منظوم ڪر. اسان جي حُسن کي پايندگي عطا ڪر. زندگيءَ ۾ موت کي مسترد ڪري، اسان کي ان ازل ابد سان همڪنار ڪري ڇڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تُنهنجيءَ شاعريءَ ۾ چوليون هڻي رهيو آهي؛ تون جو موت کان مٿانهون آهين، اسان کي اُن امرتا مان چُکي ڏي جا، اسان جي سونهن کي ڄمر موت جي چڪر مان آزاد ڪري ڇڏي.

ان تي سوچيندي مون کي آندري بريتون جو هيٺيون سُوريئلي شعر ياد ايندو آهي.

* ڪَويءَ جو ڀڪ
پيارَ جي ڀڪ وانگر
جيستائين ڀڪيو رهندو آهي،
تيستائين هن سنسار جي ڏُکَ ۾
واپس ورَڻ نہ ڏيندو آهي.

ماضيءَ، حال، مستقبل جي ڌارا روڪجي ويندي آهي ۽ منڇر جي ڇَر تي ويندي آهي، جنهن تي مانگهہ جا تارا، مڇين وانگر نہ رڳو پاڻيءَ ۾ ٽُبڪندا آهن پر اُنهن آڙين جي اکين ۾ بہ ٽمڪندا آهن، جيڪي ڪنهن وقت سَرن ۾ ڪائي سَرَ سراهت بُڌي جاڳي پونديون آهن ۽ ڇَر تي مَست هوا مون کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي چوندي آهي، ’هر ڪوئي توتي اَکن ڇَڪن آهي. اُنهن کي پنهنجي اَمرتا ڏي، اَمرتا جا تُنهنجي ٻولي اُن لفظ سان وراهي ٿي، جنهن ”ڪُن“ چئي هئي ۽ جو ڪجهہ بہ ڪونہ هو، اهو وجود ۾ آيو هو. نيستي هستيءَ ۾ ڦلي ڦولي هئي؛ تُنهنجي تخليق، جنهن جو تون خالق آهين، پنهنجي پاڻ ۾

* The poetic embrace like the carnal, while it endures
Forbids all lapse into the
miseries of the world
(Andre Breton)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهو اِسرار سَمائي ٿي جو تون بہ شعوري طرح نہ ٿو چاهين!‘

انين صديءَ جي مشهور هندستاني فلسفيءَ شنڪر آچاريا کان ڪنهن پُڇيو هيو ”تون اسان کي هيءَ سِرشٽيءَ سمجهائي سگهندين؟“ اِن تي شنڪر آچاريا چيو هو: ”ڏرتي تان هي ٻڙ جو ٻج کڻ! انهيءَ کي ڀيڇي ڏس تہ اُن ۾ ڇاهي؟“

سوال ڪندڙ ٻج ڀيڇي چيو هو تہ ”اُن ۾ تہ ڪجهہ ڪونهي“ تنهن تي شنڪر آچاريا چيو هو ”ان ’ڪجهہ بہ نہ‘ مان هي سارو وڻ ۽ ان ۾ سڀ ڪجهہ پيدا ٿيو آهي“.

انسان جو ’ڪجهہ بہ نہ‘ آهي، ’ڪجهہ بہ نہ‘ ۾ موتي وڃي ٿو، پاڻ ۾ انهيءَ ٻج جو صلاحيتون ڪيئن سانڀي ٿو، جو اهو نہ رڳو سائي دار ٻڙ ٿئي ٿو پر اُن جي چوٽيءَ تي پوئين پَن مٿان هڪ نرم ۽ نفيس ڪيڙي وانگر هن ڪائنات جو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ اُن ٻڙ ۾ جيڪي ڌرتيءَ کان ٻاهر آهي، ان حصي کان گهڻ اهم آهي جو ڌرتيءَ جي اندر آهي ۽ ان مان خورش حاصل ٿو ڪري ۽ اُن کي واچوڙي ۾ جهَل ڏئي بيٺو آهي.

مون ان شاعريءَ ۾ فرائڊ واريءَ اندرئين حقيقت کي بہ ڏٺو آهي ۽ اُن سان گڏ آندري بريٽون، لوئي آراگون، ترستان زارا (Tristan Tzara) جو نظم ۾ ٻاهرينءَ حقيقت سان هيگل جي فلسفي وانگر نياءُ بہ ڏٺو آهي، مون خود محسوس ڪيو آهي تہ ڪيئي شيون گڏجي مون کي چَون ٿيون ”اسان کي پنهنجن ٿُنرن ۾ ٽڙڪڻ ڏي“. مون ويهارو سالن جي هڪ عجيب و غريب عورت ڏٺي، جنهن کي هرٽيءَ جهڙيون اکيون هُيون، اهڙيون اکيون مون اڳي ڪٿي نہ ڏٺيون آهن. ڪُومَل، ملايم،

گهريون، موهٽيون، مقناطيسي اکيون، جن ۾ حرص و هوا جو بارڻ ٻري رهيو هو، هُن کي پورا ناسي وار هُيا جي هُن جي مُنهن تي ڇَرڪي رهيا هيا. اَن پنهنجين اکين سان اِلتجا ڪئي ”مون کي منظوم ڪر!“

مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ پئرس ۾ اهڙو دوُر بہ هُيو جڏهن دي اَنيونزو (D' Annunzio) جي پوڄا اهڙيءَ چوٽَ تي پهتل هئي، جو هُن جي دور جون ڪيتريون ئي خوبصورت عورتون هُن سان عشق ڪرڻ لڳيون هيون. اُن وقت هن پنهنجي هر لاڏلي ۽ گهٽگهري جي ويس کي جرڪائي ڇڏيو هيو. انهن مان هر هِڪ فاني بَني بشر کان مٿي تي لڳي، جڻ عجيب و غريب تجلي جي گهيراوَ ۾ هئي، جڻ وچ ۾ ڪائي زيتونن سان پرپور تاري لڳي رهي هئي. جڏهن شاعر جو پُور پورو ٿيو، تڏهن تجلي گم ٿي وئي ۽ عورت ساڌارڻ مٿيءَ جي مورتي نظر آئي، جنهن پاڻَ بہ نہ ٿي ڄاتو تہ هن کي ڇا ٿي ويو هو، پر هُن کي معلوم هو تہ هُن جا پير ڌرتيءَ تي وري کُتا آهن. اها ڪيفيت پتائيءَ يا منهنجيءَ شاعريءَ ۾ نہ آهي. کُنن جا ڪڙڪا ۽ وچ جا ڪڙڪات ٿي رهيا آهن. پيلو پَڄي پيو آهي، سُهڻي چَنڊ جي روشنيءَ ۾ اڳي وانگر سهڻي آهي ۽ درياهہ ائن قيراتيون ڪائي رهيو آهي، جيئن مستانا پيرن جا زنجير گهليندا آهن. نہ مون سهڻيءَ کي ٻوڙيو آهي، نہ پتائيءَ ٻوڙيو آهي. جيئَن پتائي جي مُنڌ مهراڻ کي ٻوڙيو آهي، اِئين مُنهنجي سُهڻي تا اَبد لهرين ۾ لُڙهندي رهندي ۽ ٻُڏي نہ ٻڏندِي، مون شاعريءَ کان دمِ- عيسيٰ ۽ يد- بيضا وارو ڪم ورتو آهي ۽ جڏهن شعر لکيو آهي تڏهن ماضي، حال ۽ مستقبل ساهہ کڻڻ ڇڏي ڏنو آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن منهنجيءَ تخليق ۾ مُخل نہ ٿين.

ان ريت نہ فقط خوبصورت عورتون پر آرٽ جا ڪيئي شهپارا مُنهنجي تحت الشعور ۾ رهيا آهن، جنهن وقت مون شعر لکيو آهي. (هونءَ بہ خدا جميل آهي ۽ يحب الجمال آهي. هر خوبصورت شيءَ هُن پنهنجي خاص تُوجّه سان ناهي آهي). هِن وقت جڏهن مان بستري داخل آهيان، مون کي ريمبرانٽ (Rembradnt) جي تصوير پول گهڙي سوار (Polish rider) ڪيئي ڪَهاڻيون ٻُڌائي رهي آهي. ان تصوير ۾ رومان آهي، تنهائيءَ جو شدت سان احساس آهي، اِهو خطرو بہ نظر اچي رهيو آهي جو جنگ ۾ ڪنهن بہ سپاهيءَ کي پيش اچي سگهي ٿو. آس پاس ڪنڊر آهن ۽ گهوڙي جي مُنهنَ توڙي گهوڙي جي ٽاٽيل ناسن مان اُن جي ٿاڪوڙ پڌري آهي. اِن هوندي بہ سوار بي پَئو آهي ۽ سِرَ جو خيال لاهي وڃي رهيو آهي. ممڪن آهن تہ جنهن انڌيري مان هن کي وڃڻو آهي، اُهوئي موت جو انڌيرو ثابت ٿئي. اها تصوير منهنجي اکين ۾ آهي، جڏهن نرس اچي مون کي پٿيڊرن جي انجيڪشن هڻي ٿي ۽ ٿوري دير ۾ مون تي بيهوشي طاري ٿي وڃي ٿي.

جيئين ئي زندگيءَ جي اختتام جو احساس مون ۾ وڌي ويو آهي اُئين مون پنهنجي نثر ۽ نظم کي تيز تر ڪري ڇڏيو آهي ۽ بقول علامہ اقبال:

هستم اگرمي رَوَم، گر نہ رَوَم نيستم

(آهيان جي هلان ٿو ۽ جي نہ ٿو هلانِ تہ نہ آهيان)

مون اڳ ۾ ئي چيو آهي تہ هيگل ٻاهرينءَ حقيقت تي زور ڏيندو هو پر مون هينئر ٻاهرين حقيقت ۽ اندرين حقيقت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين پيش ڪيو آهي، جو اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ اوليت ڪنهن کي آهي. ٻاهرين حقيقت جا بہ مُنهنجيءَ شاعريءَ تي ڪافي ٻاڇاوان آهن. مون قَدر ڪڏهن بہ اِضافي (Relative) نہ سمجهيا آهن، جيئن اشتراڪي دانشور ڪرسٽافر ڪاڊويل (جو اسپين جي جنگِ آزادي ۾ ماريو ويو هو) پنهنجن ٻن ڪتابن مرندڙ ثقافت جو مطالعو (Studies in dying culture) ۽ 'مرندڙ ثقافت جو وڌيڪ مطالعو' (Further Studies in dying culture) ۾ ڏيکاريو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ محبت، دوستي، وفاداري، غيرت، شرافت، عزّت نفس وغيره جاگيرداري دؤر جا قدر آهن. مون هميشه اهي قدر مستقل (Absolute Values) سمجهيا آهن. سونهن جو تصور، جو مون هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي، اهو بہ ڪراسٽافر ڪاڊويل جي تصور کان مختلف آهي، جنهن جا قدر مان بلڪل مسترد ڪيان ٿو ۽ اُنهن جي مادي تاويل کي ڪميونزم جي تباهيءَ جو ڪارڻ ۽ اُن ۾ ابليس صفت انسانن جي موجودگيءَ ۽ نمايندہ حيثيت جو سبب سمجهان ٿو، جنهن ڪري يو- ايس- ايس- آر ختم ٿي وئي.

تائوءَ (Tao) جي هڪ پُراڻي چوڻي آهي تہ ڪنهن بزرگ ننڊ ۾ خواب ڏٺو هو تہ هُو پوپٽ آهي. جڏهن هن کي ننڊ مان جاڳ ٿي تي ان ڳالهہ تي اچرج ڪاڏائين تہ خواب ڪير ڏسي رهيو هو! ائين تہ نہ هو تہ هو پوپٽ هو ۽ تصوّر ۾ ڏسي رهيو هو تہ هُو فلسفي هو؟

بيماريءَ ۾ بہ منهنجو من پوپٽ وانگر قلوازيون ڦرندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو؛ نه رڳو من- موهڻا ماڻهو اکين اڳيان ڦرندا ها پر اهي صحبتون، اُهي سير، اُهي سفر، اُهي گل، ٻوٽا، وَليون، واهه، رستا، رَميل راتيون، ڇَميل ڪچهريون، اهي ڇهرا جي تاريخ جي طوفان ۾ اخبار جي پنن وانگر اُڏامي ويا، اهي پيار جي سياست جي ستم ظريفيءَ جي باوجود زنده رهيا ۽ ائين تِڙي پيا جيئن برسات ۾ تَرُ تِڙي پوندو آهي ۽ جڏهن مورُ رقص ڪندو آهي، تڏهن ڪڪر اُن کي جُهڪي داد ڏيندا آهي ۽ شفق انهن ڏانهن اشرفيون اُڇليندي آهي. اهي سڀ ياد اچي رهيا ها. مُنهنجو بيماريءَ جو بسترو ته نه هو اُمراءُ جان اَدا جو مُجرو هو ۽ نيم خوابيءَ ۾ هر ڊاڪٽر مرزا رُسوا وانگر نظر اچي رهيو هو. ڪيئي يادگيريون سانوڻ جي گهنگهور گهٽائن وانگر ڇانئجي ويون هُيون. پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي رهيو هو. شڪارپور جا باغ، ڀِڏرا ۽ لوڙها، کوهه ۽ کُهاڏا، هُرلا ۽ نار، واهه ۽ ڪَڙيا، ڪَنواٽيون ۽ ڀاڄاريون، وڻندڙ اوبڙ ۽ پارا، انهن ۾ وچايل واهه جي مٽي، قَلم ۽ اوڏ، ڪُونڊيون ۽ ٽيڪوُن، ڪوڏريون ۽ چنجوُر، رَنبا ۽ ڏانداريون..... ڇا ڇا نه پئي ياد آيو...! هو سوُيٽ، جن کي مان احتياط سان ڪُٽندو هوس ته جيئن اهي پوپٽ ٿي اُڏري وڃن ۽ ايئن ٿي انهن جا ڪچا پَر پٽجي نه پون ۽ هو ٻوساٽجي نه مرن (جا ڳالهه مون کي اڪثر پيار جي معاملي ۾ ياد ايندي آهي) هو ماڪوڙين ۽ ڪِوِلين جا ٻِرَ جن تي مان لَت ڪڏهن به نه ڏيندو هوس، هو ڳاڙهين ٽنڊڻيون جي تازا ساوا پن کائي ويندڙيون هُيون، جيئن ڳيرو الهڙ جوانيءَ ۾ عشق ڪندا آهن، هو ڏيڏريون جن کي ڇيڀاٽڻ گناهه سمجهيو ويندو هو، توڙي هُو تَر تَر گهٽي ڪنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، هوءَ وڻن جي ڇانگَ جا موت وانگر با معنيٰ هئي تہ جيئن نوان ڳوڻچ ڦٽي سگهن ۽ انهن جي اُوسر ۽ والار لاءِ جاءِ بچي سگهي، هُو باغن ۾ تورين ۽ ڪريلن جو وليون جن جا ذرتيءَ تي اچا ۽ پيلا گل، ٻارن جي چمين وانگر پکڙيل هوندا ها! هو ٻڌائي جو تمثيلي اطلاع ’سوئا، ٻالڪ چوُڪا‘ جو هاڻي مونکي بار بار ياد اچي رهيو آهي. ’پلڪ ستين تہ چُڪِي وئين‘ ۽ مان جنهن وقت ننڍ جي گورِي ونندو آهيان تنهن وقت خدا کي چوندو آهيان تہ ’يا خدا، تو وٽ پنهنجي زندگي رات جو امانت رکان ٿو ۽ صبح جو توکان موٽائي وٺندس‘. جڏهن صبح جو ننڊ مان اُٿندو آهيان تہ خدا جو شڪر ڪري چوَندو آهيان تہ ’تو مون کي هڪ ٻيو بہ ڏينهن ڏنو‘؛ جڏهن سج جي ٽيڪ ۾ سورج مُکيءَ جا گل ٽِڙندا تڏهن ممڪن آهي تہ سورج مکيءَ جا کيت ڏسي دنيا ۾ هڪ ٻيو بہ وان گوگ پيدا ٿي پوي! آخر دنيا هڪ ئي تہ وان گوگ پيدا ڪيو آهي، جنهن آرٽ کي پنهنجو جيوَن اَرپن ڪيو، جنهن جا پيلا رنگ ڏسي ماڻهو ائين چوڻ کان نہ رهندا ها تہ خدا کي جي ڪوئي رنگ هجي ها تہ اُهو پيلو هجي ها. پيلو رنگ معصوميت جي نشاني آهي ۽ منهنجو پسنديده رنگ آهي. معصوميت معصيت جو ضد آهي ۽ خدا پنهي کان مٿي آهي ۽ اُن جو ڪو رنگ ٿي نہ ٿو سگهي. ’بي رنگيءَ رنگ بنايا اِيِ‘ شايد سچل سرمست جي سِٽَ آهي. (سچل کي خبر نہ هئي تہ سندس نالو اِضافي آهي ڇو تہ سرمست سڀ سچل ٿيندا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سڀ سچل سرمست نہ ٿيندا آهن).

سو مون چيو ٿي تہ بيماريءَ ۾ مون کي ڪيئي گل بہ ياد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي رهيا ها، جن جي وچ ۾ مون زندگي گذاري هُئي ۽ مان چئي نٿو سگهان تہ بهشت جي باغ ۾ ايترا گل هوندا يا نہ! انهن گلن ۾ هڪڙو گل رابيل جو هو ۽ فرشتا هوندا تہ اُنهن جا ڳِل اُنهيءَ گل جهڙا هوندا (تذهن تہ امير خسرو پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ نتي جي موتئي جو ذڪر ڪيو آهي)، ۽ هوءَ جا رابيل جهڙي هوندي هئي ۽ اجا تائين منهنجي من ۾ ڪڏهن بہ نہ مُرجهائي آهي! هو رابيل جهڙا قرني جا گل جن سان شاهي باغ جهنجهيو پيو هوندو هو ۽ جن جي تيز خوشبو انهن محبوبائن جي شوخي ياد ڏياريندي هئي، جي پيار جي اظهار کان وَنءُ ويندي هيون. مون نديڻ ۾ ڪيئي شرم ڀوٽيون ڏٺيون. جيستائين هڪ سورجُ مکيءَ سان ملاقات ٿي، جنهن پيار جي تاوَ ۾ پنهنجو پتيون کولي ڇڏيون هيون. هُو شاهي باغ ۾ جُهڙالا ڏينهن ۽ چانڊوڪيون راتيون، هو غالب جي فارسي غزلن وانگر رنگا رنگ گلاب، دائودي، نازبو، زنگي، چنبيلي، مُگرا، چمڪٽيءَ جا پيلا ڇُڳا، جيءَ ۾ پيهي ويندڙ جَرينيم، گل عباسي، گل اشرفي، هو واڱڻائي، ڪاري، لال تُلسي ۽ رام تُلسي جنهن کي هندو پوڄيندا ها ۽ مون هڪ هندوءَ ڇوڪريءَ کي چيو هو 'هائو، تون تُلسيءَ جي ٻوٽي وانگر پَوتر آهين پر توکي بہ جي ڀاٽي نہ ملندو تہ مرجهائجي ويندينءَ'.

پيا بہ ڪيترائي گل ٿيندا ها شاهي باغ ۾، ۽ هو توت، انب، زيتون، انجير جن تي هيڙها ۽ طوطا اَڏامي ايندا ها، هو بيگاري ۾ ٿبڙڪا ڏيندڙ مَڇيون- اُهي سيئي مون کي چوندا ها 'اُئين نہ وڄ، اسان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اَمر ڪري وَڃ!' مان

چئين بجي صبح جو باغ ۾ ويندو هوس، جڏهن چنڊ رستي تي شوالي جي ڪَلس تي بيٺو هوندو هو ۽ نيرن وقت موٽي ايندو هوس. وَري باغ ۾ موڪل جي ڏينهن ڪتاب کڻي ويندو هوس ۽ سڄو ڏينهن اُتي گذاريندو هوس ۽ اُتي ئي مون شاهه، سچل ۽ سامي پڙهيو ۽ انهن جا بيت، ڪافيون ۽ سلوڪ رابيل ۽ قرني جي خوشبوءِ سان واسجي ويا.

رِلڪي چيو هو تہ هڪ مشاهدي ڪي شعر جي سٽ ٺيڻ لاءِ ڪڏهن چاليهارو سال لڳي وڃن ٿا. مان جڏهن بيمار هوس تہ اسپتال جي ڪمري ۾ هوندي بہ جڻ هڪ وڏي باغ ۾ هوندو هوس ۽ جڏهن ڪوئي دوست گل شبو تحفي طور موڪليندو هو، تڏهن جڻ ڪنهن بهشت جي شاهي دروازي جو ڪلف کولي ڇڏيندو هو. مون ڪي پَڪ هئي تہ موت مون ڪي ماري خساري ۾ ويندو ڇو تہ اُنهيءَ تجوڙيءَ جو ڪُنجيون تہ هُو مون ڪان ڪسي نہ ٿو سگهي جنهن ۾ مون وٽ اُهي هيِرا آهن، جي سومنات جي هيِرَن ڪي بہ مات ڏئي سگهن ٿا، جي غزنيءَ کڄي ويا ها. هو اُهي سرءُ ۽ سيارا، بسنت ۽ اونهارا ڪداچت وڃائڻ نہ چاهيندو جي مون من ۾ سانيپي رکيا آهن ۽ ان انتظار ۾ آهن تہ ڪڏهن ٿا اسان ڪويتا جو روپ وٺون!

اِهي سب جاڳ- سپنا مُنهنجي من ۾ هڪ سرئيلسٽ شاعر وانگر ايندا ها، سرئيلسٽ شاعرن شاعريءَ جي شروعات فرانس ۾ ڪئي هئي ۽ جي قبل از وقت ختم ٿي ويا، ڇو تہ اُهي فرائڊ ۽ هيگل جا مداح ها، جي ٻئي جرمنيءَ جا ها ۽ فرانس جون جرمنيءَ سان جنگيون ڇڙي پيو هُيون ۽ هنن جو آرٽ تعصب جي زد ۾ اچي ويو هو ۽ اُها تحريڪ گهڻو وقت هلي نہ سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، نہ تہ اپالو نيئر ئي ’هڪ رانجهو لکان دا مٽ‘ هو، آندري بريتون تہ اجا ٻي انمول شيءِ هو.

شايد قدرت چاهيو ٿي تہ مان پنهنجي زندگيءَ تي سارو وقت سوچي سگهان ۽ ان ڪري مون کي بستري داخل ڪيائين، ڇو تہ مان بہ تہ غالب وانگر ڇوندو رهندو آهيان:-

فکر دنيا مين سَر کهپاتا مين

مين کهان اور يہ وبال کهان!

منهنجي هن ڪتاب ۾ حقيقت نگاري بہ آهي ۽ سرئيلزم بہ آهي. مان ڀانيان ٿو تہ سرئيلزم سئلوئيڊار ڊاليءَ جي موت سان گڏ ڪجهہ سال اڳ مئي نہ آهي ۽ دنيا ۾ وري ڪنهن وقت اُڀري ايندي ۽ خواب ۽ حقيقت هڪ اِڪائيءَ وانگر ٿي ويندو.

حقيقت مري ويندي آهي، خواب نہ مرندا آهن. خواب فقط ٿوري وقت لاءِ وسري ويندا آهن. ڪنهن وقت اُهي خواب- پريشان وانگر ٽٽي مونجهاريءَ ۾ ڇڏي ويندا آهن، پر شاعري جنهنجو بنياد خواب آهن، اَمر هوندي آهي ۽ اُن کي ڪوئي زلزلو ڊاهي نہ سگهندو آهي.

مون بيماريءَ ۾، ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف شاعريءَ جا ٽي جلد (اٽڪل پنڌرنهن سَوَ صفحا) ’ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن‘ جي نالي سان، ٻہ جِلد ’سورج مکيءَ سانجهہ‘ (اٽڪل ڇهہ سو صفحا) جي نالي سان ۽ نثري شاعريءَ جا ڇهہ جلد ’سر لوهيڙا ڳيپيا‘ جي نالي سان (اٽڪل ۱۴۰۰ صفحا) لکيا ۽ هي ڪتاب ’نند وليون‘ بہ لکيو . مون موت کي چيو تہ ’ترس! مون تي ڪيترين ئي محبتن جو قرض آهي، ڪيترن ئي ڳلن، ڳچين ۽ چَپن جو قرض آهي جي مون چُميا ها ۽ جن وَرائي مون کي

چمبيو هو، انهن ڏکهن وارن جو قرض آهي جي مون لَسايا ها ۽ جي ڳراڻين پائينديءَ منهنجن ڪُلهن تي ڪِريا ها. انهن راتين ۽ اُنهن ٻاڪن جو قرض آهي جي منهنجي ٻڪ ۾ گذريون هُيون. مون کي اهو قرض لاهڻ ڏي! انهن سيني کي شاعريءَ، ۾ زنده جاويد ڪرڻ ڏي! مان هي دنيا هڪ مفرور قرضيءَ جي حيثيت ۾ ڇڏڻ نہ ٿو چاهيان' ۽ پوءِ هن مون کي مهلت ڏني آهي، منهنجيءَ مرضيءَ موجب مهلت ڏني آهي. اجا تہ منهنجي اندر جي مانسروور مان ڪيئي نديون ڦٽيون آهن ۽ ڳڙگات ڪري وَهٽيون آهن. ڏسجي تہ موت ڪيترو وقت انتظار ٿو ڪري! متان مان هُن کان وِسري وڃان!!

هي ڪتاب ڏسي جيڪڏهن ڪو اشتراڪي آدرشي پنهنجي نَڪ کي موڙو ڏِئي تہ مان هن کي پڪاسو جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ٻڌائيندس:-

هَڪ ڀيري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪانگريس ڪيترائِي اهم ماڻهو، پڪاسو سوڏا * وارسا ۾ گهرايا هئا. پول گهٽو ڪري فراخدل ۽ خودمختيار رهيا ها (هاڻي تہ ماسڪو جي غلاميءَ مان آزاد ٿي چُڪا آهن ۽ اُتي ليڪ وليسا جي ساليڊارٽيءَ جي حڪومت آهي) ۽ اُنهن کي اهو خواب خيال بہ نہ هُيو تہ اُتي ڪوئي پڪاسو جي مصوّريءَ تي سياسي تنقيد ڪندو. مانيءَ جي خاتمي تي، جڏهن شراب جا جام پيتا وَيا، تڏهن سوويت يونين جي عيوضين مان هڪ اُٿي بيٺو ۽ چيائين تہ هو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو تہ پڪاسو بہ ڪانگريس ۾ آيو هو پر ان ڪانپوءِ چيائين تہ 'اها افسوس جي ڳالهہ آهي تہ

* وارسا: پولنڊ جي گادي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪاسو جي مصوّري تخريبي آهي ۽ هو مغرب جي بدترين بورجوا ڪلچر جو نمائيندو آهي'. هن پڪاسو جي مصوّري کي اِمپريشنسٽ- سَرئيلسٽ (Impressionist- Surrealist) مُصوّري ڪوٺيو. جڏهن هو ويهي رهيو ته پڪاسو اُٿي بيٺو ۽ هُن کي چيائين: 'مون کي اهو نه ٿو وڻي ته ڪوئي پارٽيءَ جو وَهُو ڍڳو (Party hack) مُنهنجي باري ۾ اِئين ڳالهائي. بهرصورت مونکي اِمپريشنسٽ- سَرِئيلسٽ مصوّر چوڻ ايترو اثرائتو ڪونه آهي؛ جيڪڏهن هُن کي منهنجي توهين ئي ڪرڻي آهي ته هو درست اصطلاح ڪم آڻي ۽ ڪيوبزم (Cubism) جي باني هجڻ جو الزام مون تي ڌري'. پڪاسو وڌيڪ چيو ته مون کي "جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ نازين اِهو چئي نِنديو هيو ته مان يهودي- مارڪسسٽ (Judaeo- Marxist) مصوّر آهيان ۽ اهڙي قسم جي گفتگو تاريخ جي بُري دؤر ۾ ٿيندي آهي ۽ اهي ماڻهو ڪندا آهن جي تيچ هوندا آهن....." اِن تي ڪانگريس ۾ آيل عيوضي جوش ۾ اَچي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جا اعتراض ٿيا. پولَن سيني کي ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو ته 'شايد پڪاسو جون ڪجهه تصويرون تخريبي هُيون پر روسين کي هُن جي مهمان جي توهين ڪرڻ جو حق نه هيو."

اِهي روسي بيوروڪريٽ جي آرٽ جي باري ۾ نِرا ڍڳا هُيا. انهن کان ته گوئرنگ هزار ڀيرا چڱو هيو، جنهن يورپ مان ڦُر ۾ هَٿ آيل آرٽ پنهنجي قبضي ڪيو هو ۽ ان کي جِند جان کان وڌيڪ پيارو پائيندو هو.

اڄ ڪلهه ماسڪو ۾ اُهي گدام کوليا ويا آهن، جتي آرٽ جا شهپارا، جي بورجوا ۽ تخريبي چئي هڪبئي مٿان سَٽيا ويا ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گدامَن ۾ تالي چاٻيءَ هيٺ رکيا ويا ها. ساڳيءَ ريت منهنجن ڪتابن تي اسلام آباد جي بيوروڪريسيءَ بندش وڌي هئي، جا ڪُند فهميءَ ۾ ادب کان اڻ ڄاڻائيءَ ڪري وڌي وئي هئي. هتان جا فاشسٽ حاڪم ته گوئرنگ ۾ ڪائونٽ ڪِيانو جهڙا ماڻهو به پيدا نه ڪري سگهيا آهن!

مون کي معلوم آهي ته قطب مينار جيڏو ٿيڻ چڱو نه آهي ۽ ايتري قدآور شخصيت کي فقط سرمد جهڙو ماڻهو سمجهي سگهيو ٿي ۽ اُها سمجهه هر انهيءَ شخص ۾ نه هئي جو دهليءَ ۾ جامع مسجد جي ڏاڪي تي سُمهندو هو. فن جي پَرک ۾ اورنگزيب ۽ مُلا قوي، ٻئي نااهل ها ۽ جي تلوار سرمد جي هٿ ۾ هجي ها ته هو اهو چئي پنهنجي جان بخشي ڇڏي ها ته ’اوهان تيغ آهيو، اوهان منهنجي تلوار جي ڌڪ جي لائق نه آهيو.‘

ٽن سالن کان متي عرصو ٿيو آهي ته مان ڪراچيءَ ۾ رهان ٿو، جا ڪنهن وقت سنڌ جي دل هئي ۽ هن وقت اُن جو مفلوج عضوو آهي. هاڻ سنڌ جا هنومان ۽ اُنهن جي سِياسِي باندر سٺنا هِتي رهي ٿي ۽ هِتي وڏا بنگلا ٺهرايا اٿائون ۽ اُهي سنڌي عوام، عوام ته ڪهڙو ٿا ڪن پر باندر پنهنجي پُڇ مان پَري کان پَڌرا هوندا آهن. جڏهن هو مونکي ڪنهن سرڪاري تقريب تي صدر يا مهمان خصوصي ڪري، منهنجي عزت افزائي ڪندا آهن ته منهنجي دل ۾ فرينچ مصوّر وان گوگ وارو سوال ايندو آهي

* مُلاقوي: اورنگزيب جي دؤر ۾ قاضيءَ القضات، جنهن فتويٰ ڏني هئي ته سرمد واجب القتل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ’ڪيرُ ڪَنهنجي عزت افزائي ڪَري رهيو آهي؟‘ بهرصورت مان مجبوريءَ ڪان هن درندي صفت شهر ۾ رهيو پيو آهيان جو ديومالائي ● ڊنوسار (Dinosaur) وانگر روزبروز وڏي رهيو آهي. دراصل مان سکر مان ڪراچيءَ شرنارٿي ٿي آيو آهيان، جو هر وڏي شهر وانگر ميڪانڪي ۽ مصنوئي آهي، جنهن ۾ سرمايداري تہ آهي پر هڪ فلاحي مملڪت جو تصور بہ ڪري نہ ٿو سگهي، جنهن ۾ ڪيئي ماڙِ اوچا ماڙا آهن ۽ انهن سان گڏ ’غريبن جو جهوپڙيون آهن جي مينهن ۾ جُهري پون ٿيون‘ ۽ انهن کي ”بيوس“ جي دعا بہ بچائي نہ ٿي سگهي، جتي جُڙتو ڪمپنيون آهن جي بيواهن ۽ پير سَنِ ڪان ساريءَ عمر جي بچايل پُونجي، ڪپِن پنيلائي ڦري وڻن ٿيون، جتي قتل، ڊاڪہ زني ۽ اغوا جا واقعا ڏينهن رات ٿين ٿا، جتي گاڏيون انهيءَ نيت سان تيز هلايون وڃن ٿيون تہ پل پار چيٿاڙجي، چيچجي وڃن ۽ مسافر توڙي راهگير ڪَلتيون ڪائي ڪِرن ۽ جتي منشيات ۽ عصمت فروشيءَ جا اڏا عام جام آهن ۽ پوليس انهن ۾ حصي دار آهي . مطلب تہ جي شيطان مصوّريءَ جو ماهر هجي ها تہ دوزخ جي تصوير انهيءَ ڪان مڪروهہ نموني نہ ڪڍي سگهي ها. اها ساڳي حالت مان بمبئيءَ ۾ ڏٺي، جتي اسانجي صاف ستري ’روز ووڊ هوٽل‘ جي سامهون، ماڻهو سارو فوٽ پاٿ والاريون پيا هوندا هئا. ڏندو بہ اُتي ڪندا ها، سُمهندا بہ اتي ها، سرو سامان بہ اُتي رکندا ها؛ نئينءَ بمبئيءَ ڏانهن ويندي تہ هو رستي جي هڪ پاسي جهوپڙين ۾ رهندا

---

● ڊنوسار: هڪ وڏِي بلا جا قديم ماضيءَ ۾ هوندي هئي ۽ جنهن جو وجود ختم ٿي چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها، جن ۾ اڌ فوٽ سِر جو پاڻي پرِيل هوندو هو. مون کي هر دوست ٻڌايو تہ جيئن شهر وڌو تيئن اُن ۾ تنهائيءَ جو احساس گهٽيو آهي. هنن چيو تہ تون آيو آهين تہ دور دور تان هندستان مان، هانگ ڪانگ مان، دبئيءَ مان، لنڊن مان سنڌي ڪَنا ٿيا آهن نہ تہ اسان تہ بمبئيءَ ۾ ٽِن سالن ۾ ٻہ هڪ دفعو گڏجي نہ سگهندا آهيون. اُن وقت مون کي دَلِت ادب لاءِ جواز محسوس ٿيو جو اَنبيڊڪَر جا پوئلڳ پيدا ڪري رهيا آهن ۽ جي پاڻ تي گانڌيءَ جي رکيل نالي هريجن ۾ پنهنجي بي عِزتي محسوس ٿا ڪن ۽ مون مشهور دَلِت شاعر نامديو جي شاعرانا بغاوت اِنهيءَ ماحول جي پيدائش سمجهي.

مان گذريل ٽن سالن کان اڳ ڪيئي سال اندرونِ سنڌ رهيو آهيان، جتي ماٺيو آهي، مريادا آهي فطرت سان لڳاءُ آهي، جتي ڪونجون ڪَر ڪَر ائين ڪن ٿيون جڻ ڀٽ شاهہ تي ڀِٽائي ڳائجي رهيو آهي. ڀهراڙيءَ جي زندگي منهنجي رڳ رڳ ۾ آهي. ان ڪري مان بمبئي کان ٧٠ ميل پري لونا وِلا هل اسٽيشن تي هليو ويو هوس جتي اڌ بنگلا سنڌين جا ها. جي هنن پنهنجين موڪلن جي ڏينهن گذارڻ لاءِ يا مهمانن لاءِ رکيا هُيا ۽ اُتي ڪونڪَني نوڪرياڻيون رکي ڇڏيون هيون جي انهن بنگلن جي هيٺان پنهنجن ڪُٽيائن ۾ رهنديون هيون ۽ اُنهن بنگلن جو بہ خيال رکنديون هيون. آڏواڻيءَ جي رٿ ياترا سبب مان پنهنجو دهليءَ ڏانهن سفر ملتوي ڪيو ۽ هوائي جهاز ۾ گوا هليو ويس جنهنجو ذڪر مون 'هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي. اُتي مون اُتر ۽ ڏکڻ ۾ اوت موٽ ارڙهن سو ميل رستي ذريعي سفر ڪيو ۽ گوا جي گاديءَ پڻجيءَ ۾رسان

مانڊويءَ نديءَ تي سير سفر ڪيو ۽ گوواني ناچ ڏٺا ۽ پورچوگيز موسيقي ٻڌي ۽ دل تي جا بمبئيءَ جي دونهاٽيل گهٽ ٻوساٽ ڇانيل هُوئي گهٽجي وئي ڇو تہ گوا ۾، اُتر توڙي ڏکڻ ۾ فقط ڏامر جو رستو ظاهر هو ۽ چوڏاري وڻ ئي وڻ، گل ئي گل، گاهہ ئي گاهہ هُيو.

مان هاڻي سکر تہ موٽي نہ ٿو سگهان ڇو تہ منهنجي گهر جي چوڌاري دهشت گرد رهندا آهن جن نہ رڳو سارو سرو سامان چوري ڪيو آهي پر گهر جا دروازا بہ پٽي ويا آهن ۽ جاءِ ڀڙڀانگ پئي آهي. اِها اڄوڪيءَ سنڌ جو سمبل آهي ۽ ائين رهي تہ بهتر.

شهر ۾ ساندهہ رهي اندرونِ سنڌ جو يادگيريون تہ اچن ٿيون پر شهر جو بہ شاعريءَ تي اثر ٿئي ٿو. جو هن ڪتاب تي بہ آهي. دنيا ۾ ٽي شاعر ٿيا آهن، جن شهري زندگيءَ جي باري ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي. مايا ڪوفسڪي، ڪرين (Crane) ۽ بودليئر. پهريون روسي هو، ٻيو آمريڪي ۽ ٽيون فرانسيسي. پر پهريون ٽي. ايس. ايليٽ جو ذڪر ڪيان، جنهن جي شاعريءَ ۾ مخصوص شهري جديديت آهي. هو چوي ٿو:

يروشلم، آٿينس، اِسڪندريہ
وِيانا، لنڊن
* غير حقيقي

هو انهيءَ نقطي جي تلاش ۾ هو جو دائري جي ترِي ۾ هوندو آهي ۽ هن کي اُميد هئي تہ تاريخ جو ڦيٿو ڦري رهيو آهي

* Unreal

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اُهو نقطو نيٺ اُپري آچٽو آهي. هن شهري عوام ۾ رڳو ٻگاڙ، ڪُٽُوتي ۽ اَسڦلتا ڏٺي ۽ مسيحيت ۾ پناهه ڳولي. اڄ ماديت جي تباهيءَ ڪانپوءِ ٽي. ايس. ايليٽ جي دور انديشيءَ جي صحيح ثابت ٿيڻ جو امڪان آهي.

مايا ڪوفسڪي ۽ ڪرين غير حقيقي شهر جي غير حقيقيت، آرٽ جي ناڪاميءَ سان منسوب ڪئي آهي. ڪرين هيلن آف ٽراءِ کي ٽرام (Street Car) ۾ سفر ڪندو ڏسي ٿو ۽ مايا ڪوفسڪي شهري پرولتاريت کي گدگد ٿي صدين جو ڪرتا سمجهي ٿو. ٻنهي جي شاعري شهري زندگيءَ کي نئين زندگيءَ عطا ڪئي پر پوءِ ڪرين ۱۹۳۲ع ۾ پاڻ کي ٻوڙي ماريو ۽ ماياڪوفسڪيءَ ۱۹۳۰ع ۾ ريوالور سان خودڪشي ڪئي.

اِها ڳالهه شهري شاعري جي انقلابي نظرئي تي هڪ اُپاٽڪي ۽ ڏک ڀرئي ٽيڪا ٽپڻي آهي. اِتي بودليئر ياد اچي ٿو جو چئي ٿو ته انبوهه ۽ اَڪيلائي ٻئي مَٽا سَٽا وَارا سَنڌا آهن. شاعر شهر ۾ به پنهنجي رومانيت پيدا ڪري سگهي ٿو.

نورالهديٰ شاهه جي ڪتاب ’قيدياٽيءَ جون اکيون ۽ چَنڊ‘ تي نصير مرزا ڪجهه دوستن سان گڏجي منهنجي صدارتي تقرير ٽيپ ڪرڻ آيو هو. چو ته مان صدارت لاءِ حيدرآباد جي سفر جو اڃا اهل نه هوس. جڏهن هو آيو ته منهنجي فليٽ ٻاهران ڪاريڊار جي ڪليل دريءَ مان ڪلفٽن جي ٻتين جي جهرمر ٿي نظر آئي. هو ۽ هن جا ساٿي، منهنجي لئبرري ۾ آيا ته ڇت ۾ شاند ليئر لَڙڪي رهيو هو ۽ پاسي سان بلب ٻري رهيا ها ۽ چوڌاري ڪتاب رکيا ها جن ۾ گهٽو ڪري دنيا جا سڀ اهم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب موجود هُيا. اوچتو بتي وسامي وئي. مان اندران ئي ميڻ-بتيون کڻي آيس ۽ هن کي تقرير ٽيپ ڪرايم. ان وقت مون کي بودليئر جي نظم جو هڪ بند ياد اچي رهيو هو:

”ڪليل دريءَ مان جي تون ٻاهر ڏسندين ته ايترو ڏسي نه سگهندين جيترو اندر ڏسي سگهندين. ڪجهه به ان ڪان وڌيڪ ڳُوڙهو، وڌيڪ ڳجهو، وڌيڪ رَچناتمڪ، وڌيڪ روُيا وارو ۽ وڌيڪ ٽِرمرائيندڙ نه آهي جيتري هڪ دَرِي ميڻ بتيءَ جي جوت ۾“

ان وقت ڪنهن دَرِيءَ تان پردو هٽائي، هوا لاءِ دري کولي ڇڏي هئي ۽ مون نصير مرزا کي پنهنجي ساري تقرير ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٽيپ ڪرائي هئي- ڪجهه وقت پوءِ بودليئر جو هڪ ٻيو نظم به ياد آيو هو:

’تون مون کي ضرور چوندين ته تُنهنجي ڳالهه سچي آهي يا نه؟ مون کي دنيا جي حقيقت جي ڪهڙي پرواهه آهي! اُها رڳو مون کي ان ۾ مدد ڪري ٿي ته مان زنده رهان، مون کي اهو احساس ڏئي ٿي ته منهنجو وجود آهي ۽ مان آهيان.“

پر ڇا دنيا جي حقيقت هڪ سنڌيءَ کي ڪراچيءَ ۾ اُهو احساس ڏئي ٿي؟ آخر ڪراچي پئرس ته نه آهي ۽ اسان اُن ۾ پئرس جهڙي رومانوي فضا پيدا ڪري ته نه ٿا سگهون! اندرون- سنڌ ته تباهه ٿي چُڪي آهي ۽ ماضيءَ جون ڪجهه يادگيريون ئي آهي. ان ڪري ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ ۾ اندرون سنڌ جي يادگيرين جون پرڇائيون ئي ته هن ڪتاب ۾ اچي سگهيون آهن.

اهو ڪتاب اڌ رات جو ننڊ مان اُٿي مون هڪ نيم شعوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفيت ۾ اونده ۾ لکيو آهي، جيئن بيماري ۾ ۽ اُن ڪان پوءِ مون سموري شاعري پاڻيهي هلندڙ تحرير (Automatic writing) ۾ لکي آهي. اِهي مُنهنجي ماضيءَ جي ڪنڊرن مان لڌل اڻ- لڀ شيون آهن يا منهنجيءَ شهري گوشه نشينيءَ ۾ تنهائيءَ جي احساس جو اظهار آهن ۽ انهن جي ادبي اهميت نوادرات جيتري آهي يا نه، اِن جو جائزو مان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو.

هي ڏيڍ سٽا فارسيءَ جي مستزاد ۽ پنجابي گيت ماهيا جو ميل جول آهن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئي صنف آهن جي آسانيءَ سان ڳائي سگهجن ٿا. انهن ۾ ڪجهه مفعول مفاعيلن، ڪجهه فاعلن مفاعيلن، ڪجهه مفعول فاعلاتن جي وزن تي آهن ۽ ٿورا ماترائن جي حساب سان لکيا ويا آهن.

آخر ۾ مان رڳو اهو لکندس ته شاعري منهنجي سڀ ڪان پياري محبوبا رهي آهي ۽ اُن سان مون توڙ تائين نڀايو آهي، جي وچ ۾ ڪا وٿي پئي آهي ته ان جو ذميوار ماحول جو جبر آهي جو ڪڏهن اڏول پهاڙ جئن آڏو اچي وڃي ٿو ۽ سارو شفق جو منتظر اکين ڪان ڍڪي ڇڏي ٿو. جي پيون زندگيون آهن ته مان وري وري شاعر ٿي وجود ۾ ايندس ۽ هاٺي به دور ويندس، هڪ پنڇيءَ وانگر، اُفق ڪان دور، اُن جي ڪَڌ جو مُنهنجي اوڏو به آهي ۽ جنهن جي آڏو اجا گهڻو ڪجهه آهي.

۱۳ آگسٽ ۱۹۹۲ع

شيخ اياز

چا عمر ڪيا ڏوڪا،
ڪنهن وقت ڪجورين تي ٽا ياد اچن ڏوڪا.

*

ڪلهه ٻڪِ اسان ٻيئي،
ٽا انب لڏن وَڻُ ۾، تون ياد اچين پيئي.

*

ڪَٿ وانَ بنا ڇاهي؟
هي تانگهہَ سنڌءِ دل ۾، ڪنهن تانءَ بنا ڇاهي؟

*

ڪيڏيون نہ ڪَپر چوٽيون!
ميهار ڪٿي آهي مينهون تہ اچن موٽيون!

*

ٽي اُٺَ ڏِنا لوڏا،
اي ڪنوار ورايا تو، ڪئِن چنڊ ڪِڙي گوڏا؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وقت ڪَتِي ايندي،
تنهن وقت تنتر ڪرڙي تو ۡلاءِ نهاريندي!

*

اِئن ڇَٽَ هُئين ڇوري!
پر هون چُهڻ ۾ ڇَڻ تون پَٽَّ هُئين ڇورِي!

*

گوڏو نہ گڏي وهندينءَ؟
هي پِينگهہَ جڏهن هَلندي لوڏو نہ گڏي وِهندينءَ؟

*

اڄ راتِ اِئين ڪنهن سان،
تو چنڊ لِڪي وڻ ۾ ڪئي باتِ ائين ڪنهن سان؟

*

اڄ رات، چُميون ڏيئي،
هي بلب ڪتان آندءِ، ڪيڏو نہ ٻرين پيئي!

*

اَڄ سرد هوا آهي،
تِي ٻاهه ٻَري پرسان ۽ پيارُ جدا آهي!

*

ڪيڏو نہ ڪَجل نيڻَنِ!
تو ڏانهن پَريان تاڙي تي رات ڏنو سيڻَنِ!

*

اڌ رات حويليءَ مان،
ڪيڏانهن وڃڻ پيئي تون سَڙڪَ اَڪيليءَ تان؟

*

جنهن وقت ملين تي تُو،
تنهن وقت وڇوڙي جا تا ڏَنگَ هڻن ڏينهوَ!

*

ڪلهہ سوٽَ هيئِہ سينو،
تو لاءِ پيو روئي اڄ رات تہ آئينو!

*

هي مينهن مَهل آهي،
ڏس آنءُ اڪيلو هان تو ۾ تہ ڪَهل نَاهي!

*

ڪيڏانهن وڃين ٿي تون؟
اڳتي تہ ڳجهي تو رڻ جيڏانهن وڃين ٿي تون!

*

ڪيڏي نہ مِٺِي ٻولِي!
تو پَٿَ ڏنو هوندو، ان جيئَن نہ پاٽولِي!

*

اَڄ ويهہُ گهَڙِي، پِرَسان،
مون سَنجَ وڏا گهوڙِي، تو لاءِ پيو تَرسان!

*

تنهن وقت رُلِي ويندينءَ
هي راهہ سِڌي جي تون ڪنهن وقت ڀُلي ويندينءَ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڳالهه ڪندي ٻهڪيڻ؟
ڪنهن ساڻ لوڻ ۾ هئين ڇا لاءِ پيو سهڪيڻ؟

*

تي ڪالهه نچي ڪوٽي،
ڇا لاءِ ڇڪي آهي تو هيءَ ڪچي ڪوٽي؟

*

دل ڪانـ ڀري آهي
پر پيار ٿڪو آهي ۽ رات ٺري آهي!

*

تون آءُ بنا اُلڪي!
آڪاس وسايو آ، اڄ رات ستارن ڪي.

*

اڄ رات ڪتي آهين؟
تي سال ويا ڪيئي ٻيهار ملي ناهين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيهار سِرَنهن گل ڪيا،
تون آنهہ ڪِٿي خوشبو؟ تي سِانجهہ، پَکين هَل ڪيا.

*

دل آهہ چڪُيءَ تيڙِي،
تو آنءُ ڪٿان ٿُنهنجِي اڄ رات تہ ساهيڙِي.

*

ڪيڏانهن وئي آهين؟
تو نانهہ اُها خوشبو، ٻي ڏانهن وئي آهين!

*

اَڌ - رات، اَچي پيئي،
ميهار ملڻ ويلا، هو روڊ تَپي پيئي.

*

ڇا نانءُ ڏيان توکي؟
جي گلَ ڇِني ايڏا تو آنءُ ڏيان توکي!

*

اي ڪاش سدائين تون،
مون لاءِ هجين نورِي ۽ وَنجَهہ هلائين تون!

*

ڪيڏو نہ ڪُڙهي پيئِي!
تون ڪونہ جڏهن آئينءَ دل رات لُڙهي پيئِي.

*

ڪُوڙِي نہ ڪڏهن ٿيندينءَ،
اڄ چَنڊ اَٿِي چوڏِينهن، پَر پو بہ لِڪي ايندينءَ!

*

جَنهن ڏانهن ڏسان ٿو اِئن،
اي روز– ازل! تنهنجي ڇا ڀاڪَ هُئي اَن جِئن؟

*

ڪيڏو نہ رُني آهينَ
ڪلهہ رات تہ ڏيڍوٽي، اڄ رات مُنِي آهين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڏانهن نهاريان ٿو،
تون آنهه اُها جنهن تي مان ساهُ به واريان ٿو!

*

سپنا نہ آچو اُپري!
اڄ ڪالهہ تہ هوءَ ناهي اڄ ڪالهہ تہ آهي پَري!

*

ڪيڏانهن پئي ڪاهين
جئن باکَ ڦٽي تانِگر تون ايئَن ٽِڙي آهين!

*

هي ڏس تہ گلابِي گل
آ ماڪ پئي اُن ۾ ڪيڏو نہ شرابِي گل!

*

تون نانهہ رَهِي ساڳِي
جڻ واڳ ڇِڄِي پيئي جنهن سانڌ هَئِين واڳِي.

*

پائي ٻہ نہ پاتو مون
هِي چنڊُ نديءَ ڪيسين؟ ڇو ايءُ نہ ڄاتو مون.

*

ٻي لاءِ مَرڻ پيئي!
هي ڳالهہ ڳُڙي وانگر ڇا لاءِ ڪَرڻ پيئي؟

*

وَل ٻِٽَ نہ گِدرَن جي!
ڪلهہ رات جَهلي هَٿ کي تو ڳالهہ ڪَئِي تَن جي.

*

آ اَڄَ ڪيو آتو!
ڇُلڪي نہ پوي هاٺي ائن جام ڀريو آ تو!

*

آ نِنڊَ ٻہ مڌُ ماتِي.
ڇڻ تيزَ پئي ڪائي تو لاءِ وِڃهي ڄهاتِي!

*

ها باک بهارنَ جي،
تَنُ آهم پرين تنهنجو چڻ شاخَ انارن جي.

*

انجيرَ پٽيان ٽو پيو
محسوس ٿيو ڪَنهنجي تقدير پٽيان ٽو پيو.

*

اي ڏائٽيُون موٽو!
اڄ هانوُ ڪيڏو مُنهنجو، مون ڏانهن ڪَري چوٽو!

*

◆ اڄ رات وَرِي سَئفو!
مون ڏانهن وڏي آئي، هوءَ پيار ڀَرِي سئفو!

*

مون لاءِ نَيون نِياريون،
هان آنءُ تماشائي ڀَل پيارُ ڪَريو پِياريون!

*

◆ سئفو: يونانئي شاعره، مان پنهنجي هڪ محبوب کي سئفو
ڪوٺيندو هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي تہ پيو ڦولين!
ڦاٽي نہ پوي ڌرتي، سَسئي تہ نہ ٿو ڳولين؟

*

ڇا نازُ ڪرين ٿي پَئي
جئن ڏيل ڏکي اَهڙو انداز ڪرين ٿِي پَئي!

*

آ چَنڊُ ڇُپيو جُهڙ ۾؟
درياهُ تہ سڄو ڳوليو ڪيڏانهن وَئي لَڙ ۾!

*

پيو پارُ مَري ويندو
سهڻي تہ ٻَڇي ويندي ميهارُ مَرِي ويندو!

*

ڀَر رات پڪي ٿنهنجا؟
مون لاءِ کُلي ٻوٽيا، ڇا لاءِ سکي ٿُنهنجا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي هَٿَ سريرن تي!
هيڙها تہ نہ ها جي ڪَن ڪُجهہ ٽُڪَ انجيرن تي!

*

جڻ چَنڊ چَڙهيو چِڪيا،
◆ ائن وَرَڌ اَوسِتا ۾ تو رات ڏِٺي ٻِڪيا!

*

پِيري تہ نہ آهي هِي!
ٿي تيزُ وڃِي نَدِي ڏيرِي تہ نہ آهي هِي!

*

تو ليڪِ پڙهيو آهي؟
ڏِس، وِير پٺي اُيري، ڏس سَمنڊُ چڙهيو آهي!

*

ڇا راهہ ٻِلي آهين
هن وقت ڳِهتيءَ مُنهنجي ڪِٿَن هِيرَ ڳهِلي آهين؟

*

◆ وَرَڌ اوسِتا: وڏين وَهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو چنڊ گلابي آ،
ٿِي هيرَ کهُلي اَهڙي چڻ راتِ شرابي آ!

*

تو ياد پَئي آئِين ٿي،
هي عمر نديءَ وانگر تون مينهَن جيان ڇانئِين ٿي!

*

جي مَورَ نہ، ڇا وانگر؟
تو آنءُ نچان تو لَئِہ، گهنگهور گهٽا وانگر.

*

اَڄ رات فساني جان
ڪنهن وقت هلِي ايندين ٿي مون ڏانهن بهاني سان!

*

هي پيارَ نئون توسان،
هي چَنڊُ نئون توسان، سَنسار نئون توسان!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن لاءِ پَري نڪتينءَ؟
هي پاند مريڙي سان ڪيڏانهن پِري نِڪتينءَ.

*

آ ڳوٺُ سچو دانهِين،
تو ڳوار پَٽي گورِي ڪيڏانهن هَلِي آهين؟

*

تون آ تہ ڪِڙي مُڪڙِي!
تون باک جيان آهين اچ اچ تہ تِڙي مُڪڙِي!

*

مان ڪيئن مِليو آهيان!
تو لاءِ صديون ترسِي اَچ هيئَن مِليو آهيان!

*

◆سِرڪَنڊ خسِيس آهي!
تون نانهہ تہ اچ ڪيڏو هُو چَنڊُ خسِيس آهي!

*

◆ سرڪنڊ: چَندن- صندل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نيڻ ۾ چوُنرا ها،
گهگهو تہ گلن وارو هيٺانهن ۾ پوُنرا ها!

*

چو چاهہُ هَليو ويو آ!
چا لاءِ حياتيءَ مان ويساهہُ هَليو ويو آ؟

*

تون چو نہ اَچين ٿي پيُي؟
اڄ رات اُماس آهي تون ڪونہ اچين ٿِي پئُي؟

*

❖ هر وقت ڌَمرڙو ٿِي!
مون ڌانهن وري ايندينءَ ڪنهن وقت ڄمرڙو ٿِي؟

*

اِئن سَرد لڳين تو پيو!
اي چنڊ جيان چهرا، ڇو زرد لڳين تو پيو؟

*

❖ ٿي: اُتر ۾ اٿي ڪي "ٿي" بہ چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو روز وڄين ڪِسڪي
ڪنهن وقت تہ ڪَر ٻَالهيون ڪنهن وقت تہ ٻِي وسڪي!

*

تون آنهہ پَريِ اُپ ۾،
◆ هي راتِ رڳاوَت ڏِسُ، تو چَنڊُ پَري اُپ ۾!

*

ٻَلهار ٿيان توتان!
مون ڏانهن اِئين آئينءَ، تون چڻ تہ ڏياري آن!

*

تون پو بہ جُدا آهين!
ٻي لاءِ تہ ماڻهو آن، مون لاءِ خُدا آهين!

*

ڪيڏو نہ مِٺو آهين!
چڻ عيد سياڻي آ، چڻ چَنڊُ ڏِٺو آهين!

*

◆ رڳاوت: رنگيني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوري ٻہ تہ هئي چورِي!
کھڙو ٻہ پتنگ آيو، ڏورِي ٻہ تہ هئي ڏورِي!

*

ڪئن ڪالھہ پڳئہ چوڙي،
چؤ! سچ نہ ٻڌائيندينءَ، هو ڪيرُ هيو ڪوڙي؟

*

گھگھِرو تہ پڇايو ٿي،
هو ڪوھہُ مَٽان چورو، جنھن ڪوسُ ڇِڪايُو ٿي!

*

تو پوکَ جڏهن پيئينءَ،
ڪو پَھر ويو گذري، جئن وَنئڻَ اڳيان ويٺينءَ!

*

تو انت چَوين ڇا ڪي!
هي پيارُ ڪٿان آيو تون سوچ تہ مَمتا ٿي!

*

هو سونھَن اَجھاڳُ آهي،
جيڏانھن وڃان ٿو مان، ايڏانھن تہ ماڳُ آهي!

*

ڇا حُسن پرست آهيان؟
تو ۾ تہ اَلوثُ آهيان، ڪو مستِ اَلست آهيان!

*

هي راتِ اَزلُ آهي،
تون ياد اَچين پيئي، هر باتِ اَزلُ آهي.

*

بَس لڙڪ رُڳا ٿيندو،
ٿي ڏير وَئِي آهي موتين ءَ بہ تہ ڇا ٿيندو؟

*

اڄ ڪارِ پنھونءَ ڪي آ
سَسئي نہ خبر ڪائِي ڀي يارِ پنھونءَ ڪي آ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موملَ تہ ڇڏيو راڻو،
سومَل، نہ سُتي راتيون مَنُ اَڄَ بہ ويڳاڻو!

*

تون خُوابُ تہ ڪونہ آهين؟
جو آب اَندر لرزي، مهتابُ تہ ڪونہ آهين؟

*

اڄ پياسَ لڳِي ڏادي،
اي پيار ڪِٿي آهين، آ تاسَ لڳي ڏادي!

*

وَئِي عُمر ڪُراڙِي ٿي،
ٿي دل تہ چيو ڏاڍو پيهارَ ڪهاڙِي ٿي!

*

ڪيڏي نہ حَسِينُ آهين؟
ٻي لاءِ هجين ڇاڀي، مون لاءِ تہ دينُ آهين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ نِندَ ڦِٽي آهي،
تون ياد اچين ٿِي پَئِي، ڇا ياد ڇِني آهي!

*

◆ اي ڇيلَ ڇبيلي تُون،
ڪيڏانهن هلي آهين، اڌَ راتِ اڪيلي تُون؟

*

ڇوري ته رڳي ناهي!
❖ ٻَڪرارِ ڪنوڻ آهي، گهرِ پو به پُڳي ناهي!

*

جي ڳالهه ڪُٿِي ڪَٿَ ۾،
تو ڪيرُ ڏسي ڪنهن جي ڪلهه رات ڄُندا پَٿَ ۾!

*

تو ڪان به مِٺِي آهي؟
توکي ته ڏٺو ناهي، ماڪِي ته ڏِٺي آهي!

*

---

◆ ڇيَل ڇبيلي: نازنين.
❖ اتر مان ڪنوڻ ڪڇندي آهي ته ان کي ٻڪرار ڪنوڻ چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سَڏُ هنئينءَ سَرتِيِ!
ڇا وَجُهہ وڄايو مون توکان نہ ڇُمِي وَرتِي؟

*

اَڄُ شيامَ ڳِتيون گوپيون!
ڇرڻ آنءُ کَنيون آهن، توکان بہ گهٽيون گوپيون!

*

ڇا لاءِ جُدا آهين،
اي عشق ٻَلِي آئين تون ئي تہ خُدا آهين.

*

هو ڇَپَ گلابي ها،
جن ماکَ جيان پِيتو، کيڏا نہ شرابي ها!

*

تون آءُ، سَهيلي آن!
ٿِي ناوَ اچي تون ڏي ڇو اِيئَن اَکيلي آن!

*

تو لاءِ تہ سانورڙِي،
مون چَنڊُ جَهليو آهي، ڪُجهہ بيهہ تہ بانورڙِي!

*

ڄڻ جيءَ جَهٽين ٿِي تون!
جئن تار نِوائِين ٿِي، رابيلَ پٽين ٿي تون.

*

ڇا پيارَ سچا آهن؟
مون کي بہ تہ تو وانگر ڪجهہ پار ٻچا آهن!

*

تو سانُ سَجائِي وئِي،
ٿو ڪير چَوي مُنهنجي اِئن عمر اَجائِي وئِي!

*

گل مَهر ڪِڙيا آهن
جِئَن ماڪَ پِئِي آهي تو جيئَن تڙيا آهن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ راتِ اَدارِي ڏي!
اي عُمرِ! پِرينءَ سان ٻِي برسات اَدارِي ڏي!

*

تو وَٽِ بہ گهڻِ گوپيون،
اي شيام سنڌوَ ٻرسان مُنهنجون بہ تہ ڳڻِ گوپيون!

*

اوهِي نہ ٻهي آهي،
جا عمر رهِي آهي تو لاءِ رهي آهي.

*

اڄ رات اَچِي آهي،
قاساءِ انهيءَ ڪي تون ماڳر بہ مَچِي آهي!

*

تون پاڻ هَلي آئين،
اي عشق فرشتي جئَن هيڏانهَن ٻِلي آئين!

*

جنهن وقت مجاز آهين،
اي عشق عبادت آن تون عين نماز آهين!

*

تون رات لِڪي ايندين،
جنهن وقت ٻه چانڊوڪي ٽوڙي ٻه ڦِڪي، ايندين!

*

ڇا رَبُ رکيون مُنهنجون؟
تو ڏانهن ڏسڻ ڪارڻ هر وقت اکيُون منهنجون!

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
هي گل ته ڇڻي ويو آ، پيا واسَ وَيا ڪيڏانهن؟

*

هي ڇَپُ ڇَپن وانگر،
مون سان ته مليا آهن درياهَ- ڪَپن وانگر!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا چڱَ- سڳنڌ آهي!
ڪيڏا نہ بسنت اُن ۾ چا سڱَ- سُڳنڌ آهي.

*

برساتِ ڏِسي پيئي،
چا هيءَ اُها آهہ جا ڪلهہ راتِ ڏِسي پيئي؟

*

ڪنهن جاءِ تہ هوندينءَ تون؟
مون کي تہ وساريو ٿي ٻي لاءِ تہ هوندينءَ تون!

*

ڪيڏو نہ وٺين ٿي تون،
برسات جيان ڇَن مان، هر روز ڇٽين ٿي تون!

*

سَڀ چاهہَ ٻيا چاهيون،
درياهہ جيان دل آ، مون لاءِ سَوين سانِهيون!

*

وسرن نہ کِهنيُون ۽ گهرَ،
◆ تون آنهہ اَکين اڳيان، هن وقت بہ هاٽيدرَ!

*

ڏوريون بہ تہ ڏِسُ پَٽَ جون!
هي پيار بہ پيار آهي، ايڏي تہ نہ ڏي سَٽ تون!

*

هِي هونءَ تہ پلَ جيڏِي!
تون نانهہ تہ جَڻ آهي اڄ راتِ اَزلَ جيڏِي!

*

اِئن ساڙَ سَڙِي ويندين!
ڪا لهس نہ تو ايندِي جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

هئُو ڪَرُ تہ چوراٽو،
راٽو بہ هيو راٽو، مومل نہ ڪَيو ماٽو!

*

◆ شڪارپور جو هڪ محلو (هاٽيدر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڇا نہ چڱو ڳايو!
◆ اِئين ڳاءِ نہ لوڙائو، آ چنڊ لَهي آيو.

*

تو ڏانهن ڪڏهن گهوري،
ڪيڏو نہ ڏِٺو ماڻي، مون آهہ اکيون پُوري!

*

ڪِٿ رات سڪي هوندينءَ،
ڪو ڪٿُ نہ تون ڪنهن وٽ اي پيار پڪي هوندينءَ!

*

تقدير تہ ڪانہ آهين؟
جي آنءُ نہ هان رانجهو، تون هيرَ تہ ڪانہ آهين!

*

مون ڀڳو، ڀڳو ڪوڙو،
چانڊنيءَ ۾ پيارو ڪيترو لڳو جوڙو!

*

◆ لوڙائو: هڪ سنڌي لوڪ گيت جو قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر ياد نہ پيارن کي!
ڪجهہ جهونجهڪڙو آهي، آ نِنڊ ستارن کي.

*

هُبڪارَ هَوائن ۾!
ڪنهن وقت اچي ملندين آ سارَ هوائن کي.

*

تَسڪين اچي پيئِي،
هر چيز هٽائي ڇڏ هو ’ڪِين‘ اَچي پيئي!

*

ڪو انت نہ پارُ آهي!
ٿو چنڊ وجي اُپ ۾ هينانهن پِيار آهي.

*

ٻاهر تہ ٻتيون ڪيئي،
پر جوتِ ننڍي گهر ۾، جا شمع ڏئي ويئي!

*

ڪجھہ ڏينهن بهارَن تي،
ايڏو تہ نہ ٻَل ٻُورِي، تون لالَ لَيارَن تي!
*
اِظهار نہ آ ڪوئي،
ائن سمجھہ نہ پر توسان مون پيار نہ آ ڪوئي.
*
تَي پيرَ سَرءُ ساهي،
گل ناز ڪيو ڪيڏو؟ اڄ مُندَ هَٽان چاهي!
*
پو ڇو نہ وٺيون آهن؟
جِن وارَ هُيا گهاتا تو جيئَن گهٽيون آهن!
*
ڪيڏانهن وَري نيندين؟
تو چندُ ڇوي مون کي، ڪَر نِندَ نہ، تون ايندين!
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي هُبَّ، هَوا جهوتو!
ڇو ڇَئن ڪَسي وَيو ائن، ڪا سارَ ڏئي ٻوٽو؟

*

تو لاءِ تہ سانورِڙي!
پر سال! ڪَنان آهي دل ڪيئَن نہ بانورِڙي!

*

هِي روحَ رَتو چوندي،
انبوهہ منجهان مون کي تو ڪيئَن وَتو چوندي؟

*

ڪَهڙيون نہ اکيون آهن!
جن لاءِ صديون ترسيم سي ڄَڻ تہ سڪيون آهن!

*

هي ڇَپَّ پرِين تُنهنجا
درياهہ جَيان مَن ۾ ٻئي ڪَپَّ پرِين تُنهنجا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِئن چاهہ ھُيو دِل ۾
جڻ سجَ لٿي ڪوئي درياھہ ھيو دِل ۾.

*

تون هانِ نہ ٿِي وِسرين!
آن چندڊ جيان ڪائِي چانڊاڻ نہ ٿِي وِسرين!

*

ڪيڏانهن ڏِڪِڻ ٿِي تون؟
جڻ مالهہ ڇڪي ڪِنگريون اِئن روح ڇِڪڻ ٿي تون!

*

هي لانِ مٿان ساڙهِي!
ڪيڏي تہ ڇِبَر سائي ڪيڏِي نہ شفق ڳاڙهِي!

*

تون اڳ ۾ هُئين منهنجي،
ٻاڪرُ نہ ٻَلو آهي، خوشبوءِ اها تُنهنجِي!

*

ڪاڏانهن وَئي آهين؟
تون آنهہ شفق وانگر تيڏانهن وئي آهين؟

*

ڪو ڏينهن تَتو ڪونهي!
گهَر ڇونہ سنڌءِ ڳوليان پَر ڪوبہ پَتو ڪونهي!

*

ڪيڏي نہ سُگند آهي!
ڏس مُند اچي وَئي ڇا؟ موتيو تہ ڪِڙيو ناهي؟

*

سَنجوڳُ ٻرو آهي!
◆ ڪنهن راتِ ڇيو مونکي، هر ڀوڳُ ٻرو آهي؟

*

اي پيار بسنت آهڙو!
هِن ريت ٿيو ناهي ڪَنهن وقتِ بہ ڦوتهڙو!

*

◆ نوٽ: 'ڀوڳُ' هنديءَ ۾ وصال کي چئبو آهي. اِهو لفظ سنڌي هندو، سنڌيءَ ۾ عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوغاتَ ڏيان توکي!
مون تہ وَٽ رُڳي دِل آ شيءِ ڪا تہ ڏيان توکي!
*
تو وارَ نہ هَل ڇوڙي!
ڏِس، خلق سَڄِي نظرون تو ڏانهن پَئي مَوڙي!
*
تو لاءِ جَتائون آ،
اڄ شامَ ڪَراچيءَ جي گهنگهور گهَٽائون آ.
*
مان ساز منجهان ڇاڻان،
تون ڪيرَ؟ ڪٿي آهين؟ آواز منجهان ڇاڻان.
*
ٻانهون تہ هُيون دانهون!
پر آنءُ پَرارِ آهيان درياهہ رُڳو آهون!
*

تِي رُتِ ڏئي ڏوڪا،
۽ مينهن پوي سَڀ تي، جنءَ ڏُڪَ تِئين ڏوڪا!

*

ٽِمڪاءِ نہ اِئن ٽيرُون!
ڪيڏانهن هلِي آهين اڄ ڏينهن ڏِٺي جو تون؟

*

آ ڏينهن تہ ڏورُين ۾،
ڪنهن وقت تہ ٽِلُ ٽوري، اَڄ رات ڪجورين ۾.

*

جِت ڪانوَ اڪيون نِڪرن!
تي رَتَ ڪري ريلا جنهن وقت ٻڪيوُن نڪرن!

*

اڄ رات سِڪي توڪي،
هُو ٻانهن وَرِي آهي ٻيهارِ ٻکِي توڪي.

*

تو لَئِہ تہ پکِي آهي،
مون لاءِ تہ سيڪجهہ هُو هر وَقتِ سکِي آهي.

*

چُپ چاپ، لِکي چورُي!
چوڏارِ ڏسي ٻَاهر پـو آءُ ڄِتِي ڇورِي!

*

هُو ڪجهہ تہ اچي ٿو پيو!
◆ آ ڇَبَّ اِئين پياري جڻ مورُ نچي ٿو پيو!

*

آئينءَ تہ اُتر وانگر،
هر چيز پکيڙِي وَئِينءَ، گهَرُ آهہ نہ گهَرَ وانگر!

*

تون ڪيئَن مِلِي آهين؟
اڄ رات سُجاتو مون، ڪلهہ جيئَن مِلِي آهين!

*

◆ ڇَبَّ: صورت. اُردوءَ ۾ هنديءَ ۾ ڇَب چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◆ سنجوڳُ وٽيو توکي؟
مون لاءِ هيو پياري ڄڻُ ماءُ جَڻيو توکي!
*
هي شِڪل ڏِني آهي،
پيهار مِلي آهي، ڪيڏي نہ مِٺي آهي!
*
ڪنهن صبح سَلوُڻي ۾،
توساڻُ مليو آهيان، ڪنهن ڏُنڌَ اگوڻي ۾!
*
جنهن وقت مِلينءَ گهر تي.
تو ياد ڏياريو ٿي ڪو ڏُنڌُ سَمندر تي!
*
اڄ نيٺ ڏِني آهين!
رَسُدار چَپن وارِي، ڪيڏي نہ مِٺي آهين!
*

◆ سنجوڳ: وصال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي نہ مِٺي آهين!
تون بند لفافي ۾ هن جِي تہ چِٺي آهين!

*

مون لاءِ تہ جڻ ناهِين!
هِڪ ڏينهَن ڪٺي آهين، ٻِي ڏينهَن ڪٺي آهين!

*

تو راتِ ڪِٿي پيئِي؟
هي ڪار هُئي تُنهنجي ڪيڏانهن لنگهي ويئي؟

*

ڇا جيءَ جهميلو آ!
هي شهر وَڏو آهي، ماڻهو تہ اڪيلو آ!

*

گل ماڪَ تہ ڳهُرندو آ،
جيڏانهن اَڏي اهڙا افلاڪَ تہ ڳهرندو آ!

*

سَمجُهڻ نہ، پَلي آهين!
ڪيڏو نہ چگو ٿيو جو، اڄ رات کُلي آهين!

*

هي رات اَزل جي آ،
تون ناڻهن وَڏِي آهي، جي آنهہ تہ پل جي آ!

*

تون مدام اَهڙي آن؟
جڻ شَفق کِڙي آهي جڻ پُسيءَ جهڙي آن!

*

ڏينهن هُو جوانيءَ جا،
ڪيترا پڪل ميوا، ڪالهہ عمر فانيءَ جا.

*

ڪير آنهہ ڪهڙي آن؟
تو جيان نہ بي بُربل، تون پسيءَ جهڙي آن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊ ڪونہ ٿيون چاهن،
راتڙي پئي آهي ڳالهڙيون ڪٿيون ناهن!

*

عشق سان سَجائي آ،
حسن ڪانسوا منهنجي زندگي اَجائي آ.

*

هيءَ جا جواني آ،
تيزُ ڪيترِي آهي جڻ ندي رواني آ!

*

ٻيا تاڙِ وَجِي تڙ تونُ
ڇا لاءِ ٿبي پيو آن هِت ڇَنڊَ ٿياڪَڙ تون؟

*

عجب آهہ هيءُ ناتو،
توکي ڏسي پرين مون پهرينءَ گهڙِيءَ سڃاتو!

*

ڪنهن ڇوَ ڏٺي ڏٺا ها!
هي نيڻ سمنڊ وانگر مون ڪِٿ اڳي ڏٺا ها؟
*
تو ساڻ پيارُ منهنجو،
آيو ڇَڻ آهه پياري موتِي بهارُ منهنجو!
*
ڌرتي! تہ ڪجھ بہ ناهي،
توڪان ڇُمي وتي جا سَرتي اُها ڪجھہ آهي.
*
پيو چنڊ ڪِلي پوڙهو،
تو جيئَن ٿَپي پِرَ ڏي اڌ راتِ وَئينءَ لوڙهو!
*
اي پيار ڪٿي آهين؟
هن راتِ اَڪيليءَ جا سنسارَ ڪٿي آهين؟
*

◆ ڪلهہ تون شيريٽن ۾،
دعوت ۾ موجود هُئينءَ ڪيڏانهن وئينءَ ڪن ۾؟

*

هي ٽي- ويءَ تي تون؟
آنءَ تہ سَمجهو آهين، دل ۾ مُنهنجي تون!

*

چاڪي واڙي ۾،
ڪير رهي ٿو پرسان منهنجي پاڙي ۾؟

*

راتِ منهوڙي ۾،
ڪيڏو سمنڊ چُلي پيو آهي، اڄ تہ وچوڙي ۾؟

*

نديءَ نالي ڪير؟
مينهن پوي ٿو، اُيري آيو هيٺَن پيالي ڪير؟

*

---

◆ شيريٽن: ڪراچيءَ جي فائيو اسٽار هوٽل جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برساتِ پهاڙين تان،
ائن شعر پئي آئين، ڪلهہ راتِ پهاڙين تان!

*

تمتار تِپيو آهي،
تو چنڊ مصوّر جئن ڪجهہ نقش منجهس ناهي!

*

جا ڪالهہ ڪتابن سان،
اَن ڪان تہ چڱي گذرِي هي رات رَبابن سان.

*

اونار ٻُڌو، ٻيِهو!
تو لاتِ لَنوي وَڻَ تي، هر وقت نہ ٻاٻيهو!

*

جنهن وقت ويون ڪَونجون،
اي روهہ سندءِ راتيون ڪيڏو نہ ٻَئي گوُنجون!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون آنهه نه گهرڙي ۾،
ڇڻ پَنَ اُڏامي ويو ڪلهه رات اُتَرڙي ۾!

*

ڪجهه جيءُ به هاڻي تون!
هان، مَڏَ متو آهي ڪجهه پيءُ به هاڻي تون!

*

آ پَنڌَ پَري ڏاڍو،
جوتيءَ ته پُڳو آهي، آ هَٿَ ڇَري ڏاڍو!

*

ڪو دوُر مري ويو آ،
تي هِندَ ٻُڌي خبرون تئگور مري ويو آ!

*

هو صبح ٿيو آهي،
آ هيٺ پَئِي مِينا هِن وقت سُتو آهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀَنچِي ٻہ اَٿيا ناھن

مان شعرلڪان وينو سڀ نِنڊَ پيا آھن!

*

مون مَڏَ ڇُڪِي پيتي،

◆ تو وڪتَرِ ھارا ڪي ڳائي ٻہ نہ دل جيتِي!

*

ساڃاھہ صدين جي ھان،

تون ڍاھہ صدين جي آن مان ڏاھہ صدين جي ھان.

*

ڇا لاءِ سُتو ناھين؟

آ ميڙُ پياڪَن جو، دَرَ ٻوٿُ ڳتو ناھين!

*

ھِي زھر پيالو پِي!

ڪا ڏِڪَ نہ ڏي ڏڪَ جي، تون جيءُ اَجا ڪُجھہ جِي!

*

---

◆ وڪتر ھار: چلي ءَ جو راڳي شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا چِٺَ ٻٽي آهين،
پنجاهہ ورهيہ ٽي ويا، پوءِ سِٺَ ٻٽي آهين.

*

اي نارِ ٻِلي آئينءَ!
تون رنگَ منجهان نڪرِي ڪلهہ ڪيئَن هلي آئينءَ؟

*

جيڪي بہ ٽِئي، ٽي سو،
مون ذاتِ ڪنئي آهي، تو آهہ ڪنيو پيسو!

*

هي ڪوٽَ ڪٽين وچ تون
مان شعر ڪٽان پنهنجا، سڀ نوٽَ ڪٽي وچ تون.

*

يَرَ! ايئَن ٻِنيوريءَ جا
چا لاءِ چنين ٿو تون ٻَرَ ايِئَن ٻنيوري جا!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَن مان - سروور آ،
ڪيڏيون نہ نديون آهن، جن لاءِ اُها گهَرَ آ؟

*

تنهن وقت خُدا آهيان،
جنهن وقت مصوّر جئن سنسارَ پيو ناهيان!

*

ويدانت تہ ڪُجھ ناهي!
هَر چِيز ٻَري پيئي هِت شانتِ تہ ڪجھ ناهي!

*

جئن چارَ پکِي ڦاسن،
◆ اَڄ مائِڪوفسڪيءَ جا تا نظم ڦِڪا ڀاسن.

*

رُت آهہ رَبابن سان،
ٿي رات چڱِي گذري صدبار ثوابن کان!

*

◆ مائڪوفسڪي: روس جو انقلابي شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نارو تہ وڻي ويندين،
واڳون بہ اَٽيئِي پر، چارو تہ وڃي ويندين.

*

انجامُ پيو آهي،
هو رِند ڪٿي آهن؟ هڪ جامُ پيو آهي!

*

آ گوڙُ گهٽائن جو،
ڪئن مور رُڪيئِہ پِڇري هي ديپُ هوائن جو!

*

اَٽ باک ڦٽي آهي!
تو لاءِ ڇڻي کهڙي؟ جڳَ لاءِ ڇِڻي آهي!

*

مون ڪالهہ ٻُڌو ڏاهو،
هي موت تہ نانگ آهي پر ذاتِ بہ آ ڇاهو!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏيون نہ پَليون آهن!
ڇا ڇا نہ ڪِڙيون تِنِ ۾ هي ننڍَ وَليون آهن!

*

تون ڪيرُ ؟ ٻڌائي آن!
تون اڄ بہ تنبورو آن، تون اڄ بہ تہ وائي آن!

*

تا پير ڪڇن دل تي،
تو ناچ ڪيو، گهنگهرو تا جڻ تہ وَڄن دل تي!

*

”ڇو ڏات اُپهري آ؟“
”تو ڪانو لنوي نِم تي تِي جانڻ تِپهري آ!“

*

من مان - سَرووَر آ،
پَربو تہ نديون ٿيندو، جِن ڪي نہ ڪِٿي تَر آ.

*

پينارُ وڏو آهين،
تو جهول جَهلي پنهنجِي، سَنسارُ سچو چاهين!

*

آوازُ تہ سڀ ڪجهہ آ،
جو سازَ ڇپايو آ، سو رازُ تہ سڀ ڪجهہ آ.

*

ڄڻ ڏَنُ تہ ٻري تو پيو!
توکي تہ لڳو سائو، هِي وَڻُ تہ ٻَري تو پيو!

*

ڪا آڳِ ٻَري تِي پَئِي،
هَر هَنڌِ اَلا ان جا، هر ماڳَ ٻري تِي پَئِي!

*

هر روز وڄائين تو،
تو ڪَنڌُ ڪَپِي پنهنجو مُرلي نہ ٺاهين تو!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو راڳُ ٻَري ٻاري.
ڇَپڙيون تہ هندو ناهن، ڪو ڏَرمُ نہ يَڪتاري!

*

ڇڻ ڀانءِ تہ ڪوري ٿي!
جو گيت پَئي ڳاتو مون ڪالهہ تنبوري ٿي.

*

ڪهڙو نہ تنبورو آ؟
ٿِي ٻاهہ ٻري جنهن مان هٿ لاءِ تہ ڪورو آ!

*

ٿي رات وڃِي نـُمرِي؟
ڪو دور درخت آ ڇا، جيڏانهن ٻِڃِي قُمرِي؟

*

هي گيتُ اُمنگُ آهي،
ڇڻ رات ٻِني آهي ۽ دوَرِ ڪُهنگ آهي!

*

ٻَرِ پاند نہ ٻارَن جا!
اِئن وَڻ تہ ڇَٽِي ويندا هِي لال ليارَن جا!

*

تو گيتُ وَڃي ڪَهڙو؟
جو آهہ صدي ڳاڏِي ۾ وقت جِئَڻ وَهڙو؟

*

تو ۾ تہ ٻَيو جيِئان!
جو جام نہ ٿي خالِي، تنهن مان تہ پيو پيئان!

*

ڪامِي نہ وسامِي ٿي،
ڪائي تہ ڄڀِي آهي جيڪا نہ اُجهامِي ٿي!

*

هي هَٿ ڪلاڪن جا!
ڪولِي تہ ڏسو يارو اَڄُ مَٿَ ڪلاڪن جا!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو چَنڊ ڪَتيءَ جو آ،
درياهہ پيو جَهلڪي چمڪاٽَ ٻتيءَ جو آ!

*

تيسين تہ صَديون ڪُرندو،
ٻيهار اَچِي جيسِين ڪا سَئَنَ هَٽِي سُرندو!

*

مون وٽ تہ فقيري آ،
هو ڏانهن لِڙي وڃ تون، هوڏانهن اَميري آ!

*

ڇا پاڻُ ٻُجهايان مان؟
تو چَنڊ ٻَرِي ٻاهر ڇا لاٽَ وِسايان مان؟

*

هي ننڊ وليون آهن،
ڪيڏو نہ ٻِنيون آهن، ڪيڏو نہ جَليون آهن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جنهن بہ ڳِهتيءَ وِيندين،
اي شامِ وَرِي منهنجي تي ڪَڪِ مِتيءَ اِيندين.

*

ان لاءِ تہ مان آهيان،
چاهين تہ اجا تُنهنجو مان ڳاهہ پيو ڳاهيان!

*

ڇا لاءِ وِڌءِ تِمجَهڻُ
سنسار سڄو ٿي ٿي، هان آءُ ڪَوِي تون ڪَڻُ!

*

ها، موڪَ ٿيو آهي!
ڇو ايئن ڏِسِي تُنهنجو، منهن سوڪَ ٿيو آهي؟

*

ايڏو تہ عَلَم ٿاهيو،
آڪاس رَسِي جيڪو اهڙو تہ قلم ٿاهيو!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون اَڄ تہ سانورڙي!
هي آهہ نئون مندر ڪُجهہ نَچ تہ سانورِڙي!

*

ڏِس، ميلُ ڏِياتيءَ ۾!
سُرهو تہ وڏو ڪيڏو تو تيلُ ڏياتيءَ ۾!

*

◆ مان ڪيرُ اڙي ٻُلاَ!
تو لاءِ جتِي آندم، ڪجهہ لڙڪ جڙي ٻُلاَ!

*

❖ اڄ رات تہ رِلڪي ڪي
تو آنءُ پڙهان ليتِي جنُ سَمنڊَ ڏُنڏِلڪي ڪي.

*

ايندا تہ جِئين سانا.
● انسان ڪروڙين پر ايندو تہ نہ سنتيانا!

*

◆ ٻُلا: پنجابي شاعر بلي شاهہ.
❖ رلڪي: جرمنيءَ جو مشهور شاعر.
●سنتيانا: جارج سنتيانا امريڪي فيلسوف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿَڪراوَ پيالن جا،
فانوس ٻَرن ٿا پيا اڄ رات جِيالن جا!

*

❖ ڇا ويڄَ! ڪِري آهي؟
آ تَؤنس لڳي تَن کي، ڇڻ مُندَ ڦِري آهي!

*

ٻَهروپَ هَيا ٻوليءَ،
تو چنڊ ڏٺو آهي، ڪنهن وقت اسان ٽوليءَ؟

*

دَفَ جِيئَن وڄايان ٿو،
هُو چَنڊُ، جڏهن توکي اڄَ راتِ نچايان ٿو!

*

هي ڏيڍ ستا آهن،
جئن چنڊ ڳَهتائُن ۾ هي ايئَن ڇتا آهن.

*

❖ ڪِري : پرهيز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِي ڪپر ڄَٽائن ۾؟
ڪنهن وَپرَ نہ واهپرو جِن لاءِ گهٽائن ۾!

*

پيلو تہ اڪيلو آ!
ڄَڻُ رات پئي چِلڪي، ڪوئي تہ ٻتيلو آ؟

*

◆ ڪنهن راز جيان سُونڊا
اَڌ رات ٽِـئي پـيـئي آ سازَ جِيان سُونڊا!

*

❖ پَـڙلاءُ هِـلايـا ۾،
مـان شعر لکان ويٺو هي واءُ هِلايا ۾!

*

دوُنهون تہ وجي ٿو پيو!
ڄَڻ مِلَ ويائي آ ڪُونهون تہ وجي ٿو پيو!

*

---

◆ سُونڊا : هڪ ڳوٺ.

❖ هلايا : هڪ ڳوٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو نہ مُنو آهين!
تون ڪُڙم منجهان هوندي ٻچا لاءِ ڪُنو ناهين؟

*

درياهہ مَٿان ڪِلندي،
ميهارَ ملي ويندا، سُهِڻي نہ وري مِلندِي!

*

چڻ مَندُ گهُري تو پيو!
برسات جيان ٻيجل، ٻيهارُ ٻُري تو پيو!

*

ڏس رات ٻِني آهي!
هر رات جيان ڪَوتا تو اڄ بہ ڏِني آهي!

*

ڇَوَندين تہ رباب آهي،
تو آڻ سِگهان خوشبو، مون لاءِ گلاب آهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي راهہ عقابن جي،
ٿا ابر اچن وِچِ ٿي، آ ڪاهہَ ربابن جي!

*

ٻيهار اهو پُرندو؟
ڪيڏانهن وَئين ٻيجل، تون ساز ڪَٽِي سُرندو؟

*

هي ڏينهَن ڏَرڙ جئن آ،
جنهن مَنجهہ ٻِچِيل منهنجو ڇڻ شعر گَرڙ جئن آ!

*

تو مورتِيُون ٺاهِين،
هر روز اُهي ڊاهي، هر روز ٻِيُون ٺاهين!

*

هر شعر شباب آهي،
هر سِٽَ صراحي آ، جنهن منجهہ شراب آهي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگ رَنگ ٻوليءَ ۾،
جئن بسنت ايندو آ هيل آءُ هوليءَ ۾!

*

اُستاد هُيو فاني،
جنهن وقت مليو مون سان ڪلهہ ياد هيو فاني.

*

مون شاعرِي ڪنئي آ
تو سَو خوشيون ڪنيون، پَر مون هڪ خوشي ڪنئي آ!

*

اڄ رات راڳُ ڳائي
◆ آڪاشِ تو ٻُڌايو مارُو ٻهاڳ ڳائي.

*

مونکان ڇا تو چاهين؟
غالب! تنهنجو شعر هتي آ تون تہ ڪٿي ناهين؟

*

◆ مارو ٻهاڳ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوش مليح آبادي؟
اهڙي ڪابہ عَدالت، جنهن ۾ آنءُ ٿيان فريادِي؟

*

جي واتَ ٻَلِي ويندين،
سنسارُ وڏو آهي اي يارَ رُلِي ويندين!

*

ٿيشن نہ ڪِٿي ايندي؟
ڪيڏانهن پَتا ڇهندِي ڇا ريلَ هلي ويندي؟

*

چوڏس تہ ڇتاءُ آهي،
پر مون نہ ڏٺو اَن ۾ آخر تہ خدا ڇاهي!

*

سڀ ڀولَ ڀڃون ٿا ڀيا،
پرڏيهہ اَڏارون ڏٺي ڪيڏانهن وڃون ٿا ڀيا.

*

ڪا گهرج نہ ٻاهرَ جي!
◆ ٿي راس اَچي ايڏِي ٿُلسيءَ هوا گهَرَ جِي!

*

سَپنا بہ عجيب آهن!
مان دوُر اُهي توسان ڪيڏو نہ قريب آهن!

*

رهندينءَ نہ تہ ڇا ٿيندو!
اي عمر! اڃا اُڪتي ڪَهندينءَ نہ تہ ڇا ٿيندو!

*

مهمان سرا آهي،
ڪو ڪيئن ڇوِي اَچٽِي ڪنهن وقت قَضا آهي!

*

تو ماڪَ مٿان لاهي،
رابيلَ ٽِڙِي ٻؤندِي، ڇونديڻ تہ خدا آهي.

*

◆ ٿُلسي: ٻوٽي جو نالو، جو هندو گهر ۾ رکندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڻ مَنڊُ وَڏِي اڳتي!
تون ٻيلهہ، هَنو ساڳو، ٿو چنڊ وَڏِي اڳتي!

*

تون تارِ ترِي وينڌين؟
ڇا لاءِ اَٻالو آن جي نيٺ مَرِي ويندين!

*

آيو تہ آتل آهي؛
ڄڻ چورُ ٻَپَن تي آ، هِي ڪير؟ اَجل آهي!

*

زيتُون ڪِريو نہ پَهہ،
ٿي تارِ مٿان آئي، جنهن وقت ڇتونءَ ڇَهہ ڇَهہ!

*

ڪو خوابُ هئي گاڏِي،
هو ماءُ ٻَچن سوڏي هو ڏُڏُ پري چاڏِي!

*

ڪُجھہ گھارِ سَرائن ۾!
آ نيٺِ هِتان هَلڻو ئي، پارِ قَضائن ۾!

*

هِي گهاٽَ مٿان ڪيئي،
ٻيڙي تہ وِئي ٻَرجِي، ويِئي بہ اَڙِي ويئي!

*

اي موتَ اَچا جيئان!
آ ڏُکُ بَچيو باقِي، ڪُجھہ تَرسُ اُهو پيئان!

*

ٻانيُہ تہ مَرِي ويندس؟
سنسارَ! هميشه لَءِ مان ڪونہ تَري ويندس!

*

تو وَٽِ جيان ڪامان،
◆ ڪا مَتِ نئين آهيان تو جيئن ڪبيرا مان!

*

◆ ڪبيرا : اي ڪبيرا! (ڪبير: هنديءَ جو شاعر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪار نہ ڪَرِڻي آ،
اوندھ تہ نہ آ ھر شيءِ، ڪا جوتِ نہ مرڻي آ.

*

تو لاءِ تہ پارَت آ،
جنھن لاءِ بہ آيو آ، ھي موتُ ڳجھارَت آ!

*

◆ ڇا تون تہ سَڌارت نانھہ؟
ڇو پيار سَوا تُنھنجو ڪوئي بہ پدارٿ نانھہ!

*

تون ڪونہ مَرِي مَرندين،
ڪجھہ ڏينھن رَھِي پاسي، پانيان تہ وَرِي ورندين!

*

ھي موتُ اکر آھي،
ڏِسُ ھِيءُ بہ ساڄاھي، ھر چيز اَمر آھي.

*

◆ سِڌارت: گوتم ٻڌ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي موت جڏهن ايندين،
تون گيتَ ٻڌي مُنهنجا، ڪجهه وقتُ تہ سوچيندين!

*

ڪيڏانهن وَڻي ويندين؟
هر طرف تہ مان آهيان جيڏانهن وَڻي ويندين!

*

ٻيهارَ جِياري ٿي،
هي ڪوهہَ اِڳيان نيسَر ڪا ياد ڏياري ٿي!

*

هي چانهہِ مَري وَئي آ
هوڏانهن ڪَنڊِي ڪائي، جنهن هيٺ ڪِري پَئي آ!

*

سوڳهو تہ هيو ڏاڍو،
هي ڏار هوائن ڪان، پر ڪَيرُ چَوي؟ واڍو!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا پاڻ رڪون خبرون،
هڪ طرف سَٿون ٺهنجون ٻي طرف سَوين قبرون!

*

ٿي لاتَ ڪَري سانجهي،
ڪو ٿاهه نہ ساگر جو، هو هيڪلِڙو مانجهي!

*

اڄ رات خُدا ايندو،
تون آڻ ٻہ تازا گل، جو موتَ جُدا ايندو!

*

ڇا زهر پِياريندين؟
سقراط جيان مونکي پيهار جِياريندين؟

*

بَس! آنءُ رڳو آهيان،
آ سمنڊ اڳيان ڪيڏو، ڪيڏانهن ڀڳو آهيان!

*

اي موت! ٻَلي اَچ، وِيھُه!
تون لاھه جُتِي ٻاھر ۽ پوءِ اسان وٽ پيھُه!

*

جڻ ھيلَ تہ آڻِ آھي!
ھي روز تِکا چاقو، ڪيڏي نہ سَراڻِ آھي!

*

تو جاڳَ نہ چاھين تون؟
ڪا ننڊَ انوکي آن، ڇا موتَ نہ آھين تون؟

*

تون ڪيرُ؟ نہ تو ڄاڻان
ڇا لاءِ ٻڳو آھيان مان ھيئَن ڪڏھن پاڻان!

*

تون ڪيرُ؟ اَجل آھيان
مون ڏانھن اَچين تو تون؟ پر مان تہ اَزل آھيان؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توتي تہ رکِي آهي!
سُقراط تہ ناهيان مان پر زهر چکي آهي.

*

گهوڙو نہ جَهليو، ويندس!
بَس هانءُ گهٽو پِيتو، بس هانءِ هَليو ويندس!

*

چڻ چنڊ بہ پيلو آ!
ميهار ويو ڪاڏي؟ اڄ روحُ اَڪيلو آ!

*

آ موتَ وڏو ڏوڏو،
هر ڳالهہ وساري ٿو، اُن جو تہ رڳو لوڏو.

*

اي! موتَ نہ ماريندين،
تون آنهہ رڳو ڏِيئو، بَس راتِ اُجاريندين!

*

اي موتَ ڪَڪَرَ آهين،
گهنگهور گهٽا وانگر ڪيڏا نہ ڇَڪَرَ آهين!

*

مون ڪان بہ ڀِراهون ٿِي،
تو موتَ مَري هَرڪو تُون موتَ مَٿاهون ٿِي!

*

ڀاٽو تہ اِهوئي آ!
تونءَ آءُ پڪِي، دل جو داٽو تہ اِهوئي آ!

*

سنسارُ مَڇيري جو،
تو روز مَڇيون ماري، هِي جارُ مَڇيري جو!

*

هِي سمنڊ اَجهاڳُ آهي،
جنهن لهر مٿان آهين سا لهر تہ ماڳُ آهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي بہ پَرو ناهي!
تو سمنڊ هٽي ڇوليُون ڪوئي بہ تَرو ناهي!

*

ڪيڏانهن اڳي نِينديِن؟
اي موت! مسافر آن ڪِٿ راتِ گذاريندين؟

*

تون موتَ- گهڙي آهين؟
ڇا لاءِ ڏڄان توکان ايڏي تہ ڪَڙي ناهين!

*

اي موت مِنو آهين،
جئن آنءُ ڏنو توکي ٻي ڪنهن بہ ڏنو آهين؟

*

تو ڪجهہ تہ ڇَيو آهي!
هئن وَڏَ ڦڙو مون تي ڇا لاءِ پَيو آهي؟

*

اَڄُ رات رَتَل آهي،
اڄ رات هتان هلجي ميڙو تہ مَتل آهي؟

*

تون ڪيرُ مُگرَ آهين؟
درياھ وهي ٿو پيو، ڇا ننڊَ ڪَپرَ آهين؟

*

سنسارُ بہ مايا آ،
جو چنڊ وڇايو آ سو چارُ بہ مايا آ!

*

ڇا ڏيهہُ ڇڏين ٿو تون؟
جي هَيلَ پُنِي آهي، ڪيڏانهن لَڏين ٿو تون؟

*

تون مان تہ مڇيون آهيون!
ٿو موت جڏهن ماري ڪيڏيون نہ اَڇيون آهيون!

*

جي موتَ ڏِنو پيڙو،
خود ڇُهنب منجهان ڪرندو، اي ڪاٺ ڪُتا ڪِيڙو!

*

وَڻ ڪي ٻہ تہ پَر آهن!
تو چانهِ ڏٺا ڪونَهن آن لئہ ٻہ سفر آهن!

*

ٻيهار ڪڏهن ملندو؟
اي راهگذارو هو ڪيڏانهن ويو کِلندو؟

*

ڪيڏانهن وَئين؟ کِلنِّي؟
تون نانهہ وري، مُونکي ٻيهارِ ڪڏهن مِلنِّي؟

*

ڇا آنءُ اَڪيلو هان؟
’تون‘ ساٿَ ڇڏي ويندين، ’هو‘ آهہ سدا مون سان.

*

هَل وقت پُنو آهي؛
اهڙو ٻـ پڪي آ، جو وَڻ لاءِ رُنو آهي؟
*
ڇا جهونجهِڪڙو آهي!
ڪائي تـ ٻُٽي آهي ڪوئي تـ پڙو آهي!
*
رت پونءِ رُڳو ماٺهو،
تو موتِ مَري پَنهنجي، جي پونءِ رُڳو ماٺهو!
*
تون ڪَير؟ ملايَڪ آن،
ڇا آهـ ٻـ ڪجهـ اڳتي؟ مون لاءِ وڏو شَڪ آن؟
*
ڪوئي تـ ڇوي ساڏو،
سنسار ڪُتو آهي يا آهـ ٽيو واڏو؟
*

ڪيڏو تہ ننڍڙو آهين!
تون ڪيئن اَٽو هوندين ايڏو تہ وڏو آهين!

*

تو ڳُجهہ سلڻ چاهين؟
ڏسجانءِ متان پنهنجو تون پاڻُ رڳو ڏاهِين!

*

تون نانهہ ٻَري سائِين!
مون سَمنڊُ ٻُٽي سُونجهو، چا لاءِ تَري تائِين!

*

آ پارِ ٻُڳي ٻيڙِي،
ڪوئي تہ پترڻ تي آ، يا آهہ رُڳِي ٻيڙِي؟

*

نادانَ پيو ڳوليان،
تُنهنجو نہ پتو جَن سي اِنسانَ پيو ڳوليان.

*

چا راهہ ڪَٽِي ويندين؟
تو هَٿَ ڏنو آهي ڪيڏانهن وَٽِي ويندين؟

*

چا لاءِ پيو دانهين؟
جا روز سَڏي پيئِي تنهن آد جيان آهين!

*

شهناءِ جيان آهيان،
ڪنهن آهہ وَڄيو مون ڪي جو هاءِ جيان آهيان؟

*

تو سورُ ڏَئِي مارِين،
پيڙا تہ ٿيو، ڇو تو، تون پورُ ڏَئِي مارين؟

*

مان موتَ مَتاهون هان،
جي ڏورُ ڏسين مون ڪي اڳ ڪان بہ اَڳاهون هان!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا رُوءِ زمين آهين؟
ڪِٿ ناهہ مڪان اهڙو، جت تون نہ مَڪِين آهين!

*

هر رَڙ بہ تہ آ مايا!
تاريخَ سَڄِي ٻيهَر جي گهڙ بہ تہ آ مايا!

*

تو هانءُ هِڄِي- سَپنو!
تو ڏَپُ ٿِئي ڪَنهنجو؟ تو ڪيرُ ڏِڄي- سَپنو!

*

هي نادَ وڳا ڪنهن لئہِ؟
ڪوئي تہ ڳوَالو مُئو ڇِرڪيا تہ ڏِڳا ڪنهن لئہِ؟

*

موتَ هڪ جُدائي آ،
جا اڳي ڪڏهن توسان آنءُ آزمائِي آ!

*

هڪ نئون نِڪار آهي،
جي اچي خزان کان پو موت هڪ بهار آهي.

*

زندگي پِروليِ آ،
پر ڏسين اگر سوچي موت کان ٻہ سولي آ.

*

آ ڪائنات ڪيڏِي!
اي چنڊ! اي ستارو!، ڪنهن جي برات ايڏي؟

*

اوچِي نِهارَ ڪنهن جِي؟
اي ڪائنات تو ۾ ايڏي اَڌار ڪنهن جي؟

*

ڪهڙو پکيئَڙو آن؟
توڙي وئين اَڏامي تون اڄ ٻہ لِيئَڙو آن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقتَ جِئَن نہ ٽڪِ ڪوئي!
عمر ڪان ڪسي ڳنڙي هِئَن ويو نہ اَڳُ ڪوئي.

*

ٿو وڃان پَري تائين،
اي اَنَنت ڳولها ۾ سمنڊ جي ترِي تائين.

*

ايڏو بہ نہ ٿي پَڏٽو!
آ ڪيرُ هِتي جنهن کي آهي نہ هِتان لَڏٽو.

*

سپنا اياز سائين!
ڇو ائين ڇڏي وئِين تون، ساپيا اياز سائين؟

*

سُک ڇانڌ تہ آهي ڇا؟
دُک آهہ سندس ڪارڻ دکُ ڇانڌ تہ آهي ڇا؟

*

هي جو ڇڙو چانڊ،
ڪيڏي تتيءَ باھ سان ٻري ٿو برھمانڊ!
*
تنھنجا پارَ اَپارَ
ڪويل جي نَھ پھ ٻُڌي ڪَتِين ۾ ڪوڪارَ.
*
ڏولي تہ اچي ٿي پئي،
ڪو آھ پنڌيان پردي، ٻولِي تہ اچي ٿي پئي!
*
ٻولِي تہ سنڌ سولِي،
مون لاءِ تہ تونِ ائن آن، جئن ماءُ ڏِئي لولِي!
*
خاموش! خُدا آھي،
تو لاءِ جُدا ھوندو، مون لاءِ جُدا ناھي.
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڻ سُنبَ پيا ترِڪن،
ڪوئي تہ مَرِي ويو آ؟ ڳهوڙا تہ پيا ڇرِڪن!

*

تو ڪان تہ وڏو آهيان،
ٽا سَمنڊُ چون توکي، ڇا آنءُ ڦٽو آهيان؟

*

ڇا تارِ تران توسان؟
درياهہ تہ آ ڪيڏو، ٻي پارِ تران توسان؟

*

ڪجهہ سوچ تہ سَرتا آ
هوڏانهن بہ ٽي ڪِيڙا، هيڏانهن اَمرتا آ!

*

تون ئِي تہ سَهارا آن،
سنسار نديءَ وانگر، تون ڪَپَّ ڪنارا آن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائِيدَ تہ ڪا ناهي،
مان هيل بچي ويندس اُمِيد تہ ڪا ناهي!

*

هي ساھُ بہ تون آهين،
سيسارُ بہ تون آهين، درياھُ بہ تون آهين!

*

هي تارَ بہ تون آهين،
ميهارُ بہ تون آهين، سيسارَ بہ تون آهين.

*

بَسِ آن هليو ويندس،
هِي آھ سِڏو توڏي، ڳسِ آنءُ هليو ويندس.

*

ڪا باڪَ اِئين ايندي،
مان نند پيو هوندس ڏونڏاڙ پئي ٿيندي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرو تہ اچا ساڳيو!
ڪيڏو نہ پري اڏِري هان ننڊ منجهان جاڳيو!

*

وَجُ ڏور مُدامي وَج!
تون سار نہ پڇري ڪي، ڪنهن وقت اَڏامي وَج!

*

اي عُمر وڃين پيئي؟
درياهہ پيو ڇُلڪي تون بَندَ ٻَڌڻ پيئي؟

*

اڄ ڳاٺَ ڇَمِي تُنهنجو،
في الحال ٻَڌي ٻيڙِي، مون گهاٽَ گهمِي تنهنجو.

*

جي ڇَندَ جَهلِيو ويندس!
ڪيڏو بہ ڪَپَر ڪُرندا، اي ناوَ، هليو ويندس!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو نہ مِٺو سپنو!
آ باک ڦٽِي؟ پنڇي تو راتِ ڏِٺو سپنو!

*

هي ساهہ گهٽو رهندو؟
اي ناوَ! هَليو ويندس درياهَ پيو وَهندو؟

*

تو نيٺِ مَڇِي ماري!
تو واهہُ ڇلي اَن ۾ بي ساهہُ نہ سينگارِي!

*

ها ڇَنڊُ مَڇِي آهي،
پر ماڳِريو سارو هِي مَنڊ مڇي آهي!

*

چوڏول پيو ڦِرندو،
تون هيٺ مَٿي ويندين، هو گولُ پيو ڦِرندو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا لاءِ وِڌءِ گهانگهو؟
ڪيڏي نہ مزي سان تي ڪلهہ رات ويو ڄانگهو؟

*

جي راتِ وَهيا ٽِيندِي!
تِن شامَ ڪَجيءَ تي ٿي ڪُجهہ نِنڊَ اچي ويندي!

*

منهنجو بہ خُدا آهي،
ڪنهن وقت گلاب آهي ڪنهن وقت صبا آهي.

*

ڇا پَنڌُ پُڄائيندا؟
ڪنهن وقت هَڏا منهنجا شرناءِ◆ وَڄائيندا؟

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
جيڏانهن نظر آيو تو آهہ خُدا تيڏانهن؟

*

◆ شرناءِ: شرنائي، شهناءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي ڪي ٻہ پِراڻ آهي!
جي ڄاڻَ اِها ڄاڻين خَنجر ٻہ مِياڻ آهي.

*

تون تيز ڪَٽارِي آن،
مرهم ٻہ تہ تون آهين، تون وارُ ٻہ ڪارِي آن! ◆

*

ٻيهار نہ هِي ايندو،
پَل گُلَ جِيان آهي، ويندو تہ ڇِڻِي ويندو.

*

اي موتَ! ٻِلِي آئِينءُ!
موڪل نہ وَٺِي مونکان، جنهن وقت هَلِي آئين!

*

ڇو ذاتِ وِسامِي ٿِي؟
ڇا باک ڦٽِي آهي ڇا راتِ وِسامِي ٿِي؟

*

◆ ڪاري وارُ: خطرناڪ حملو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري ٻہ نہ ڪيڙائو!
تو سمنڊ ڏسين ڇا لئہ تون سڄ لٽي پائو؟

*

مون لاءِ گهٽا ڪُپڙيءَ؟
ڪي ڏينهن اڃا هَلندا، هي ڪُڄهہ ڪٽا ڪُپڙيءَ!

*

ٻيهارَ ٻہ ملنداسين،
ڪنهن دورُ ستاري تي ٽيهارَ ٻہ ملنداسين.

*

بس چاڻ پُني آهي،
مون لاءِ رَڌي تو هيءَ ڇاڪاڻ ڪُني آهي؟

*

آ جاڳَ وَڏي ويٽر!
تي جهونجهڪڙو جيسين تو ننڊَ نہ آ تيٽر!

*

جِئَن ماڪَ اَڏامي ٿي،
اِي آدِميو! آخر هي خاڪَ اَڏامي ٿي.

*

آهي ٻـ تـ ڇا آهي؟
جنهن جوڙَ سَڄِي جوڙِي ڪوئي تـ خدا آهي!

*

تون عرش پُڇائين ٿو؟
هي پَٻر پَري ويندا جن لاءِ ڪَنائين ٿو!

*

هي ڳهاوَ هُيا تُنهنجا؟
ٿي آنءُ انالاحق چيو، پَٿراوَ هُيا تُنهنجا.

*

اي موت لَهِي سگهندين؟
ايڏو تـ پَري آهيان تون ڪِٿَن ڪَهِي سگهندين؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڳولَ خُدائيءَ ۾!
آ ڪيرُ ڪَٿو توسان هر وقت جُدائيءَ ۾؟

*

اڪيلائي به سفر آهي،
◆ استاد بخاريءَ ڪي، ڇوُ پيرَ ته ڪجهه ساٿي!

*

چوڌار ڪَتيون آهن،
سنسار ٻري ٿو پيو، ڪيڏيون نه ٻتيون آهن!

*

ڪجهه وقت ٺَري ويندو،
جي موت گهٽائن ڪي ڏِسندو ته ٺَرِي ويندو!

*

ڪنهنجي نه مجي ٿِي پئي،
سَئو ڏَڏَ ڏِيو يارو، هي دل ته وَڃَي ٿي پئي!

*

◆ استاد بخاري: سنڌ جو مشهور شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا موتَ مَهل آهي؟
ڪنهن لاءِ ڀَڏي ڀوڇي ڪائي به ڪَهل آهي؟

*

ٿي دانهن ته دُورين مان!
جنهن وقت وَهيا ڪپريا، بَندوقَ ڪجورين مان.

*

ڇا نِنڊَ سَڏي ٿي پَئِي؟
ڪيڏا نه وَڃائِي اَڄ هِئَن گهنڊَ سَڏي ٿي پئي؟

*

سنسارُ ڏسان توسان،
اي چَنڊَ اگر ترسِين ڀيو پارُ ڏسان توسان!

*

جڙ دُور پِيارن سان،
مون ايئَن ڪيون ڳالهيون، ڪلهه رات سِتارن سان!

*

سنسارَ جيان سپنو؟
جنهن ننڊَ اکين ۾ آ، تَنهن پارَ جيان سپنو!

*

هي موتُ تہ پَلُ آهي،
جنهن راتِ ملين ٿي تون سا راتِ اَزَلُ آهي!

*

آ جڳُ سَچو سَپنو،
هِي ماڳُ بہ آن وانگر، جِئَن ڏڳُ سچو سَپنو،

*

اَڳُ مور هُيس ڇا مان؟
اڄ رات گهٽا وانگر، گهنگهورُ هيس ڇا مان؟

*

جنهن وقت مَرِي ويندس،
درياهہ وهي ٿو جو تولاءِ تَرِي ويندس.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن لوڪَ منجهان لَڏجِي،
هَٿُ نانهه رهيو هَٿ ۾، ڪيڏانهن وَيو ڇَڏجِي؟

*

ڪنهن جاءِ مِليون ڊيلون؟
ڪيڏانهن وئي ڪُتيا، جنهن جاءِ تِليون ڊيلون؟

*

ڪيڏيون نه ٻِليون آهن؟
سَوَ سال اڳي پياريون، جنهن جاءِ مِليون آهن!

*

اي موت سنڌءِ ٻولي،
ايڏِي تہ مِٺي آهي، جنَن ماءُ ڏِنِي لولي!

*

جُونڊِي تہ ٻِڪِتي ڏادِي!
اي موت! سُمهڻ ڏيندين ٿي نِنڊ قِتي ڏادِي.

*

قدرت تہ حساب آهي،
هَر انگَ اکر اَن جو محفوظ ڪتابُ آهي!

*

موت جي قريب آهين،
پو بہ ايتريون مَستيُون، ڪيترو عجيب آهين!

*

ڪو نہ تو لڳي ڪوڙو،
موت هڪ ڪهاڻي آ، جا ٻُڌي پيو ٻوڙو!

*

دَردُ آهہ ڄاڻيءَ ۾!
پو بہ ڪيترو آهي آسرو حياتيءَ ۾!

*

◆ هِي جاءِ ادب آهي،
هت اَءُ جُهڪي ويجهو، اي موت جُتي لاهي!

*

◆ جاءِ ادب: ادب جي جاءِ. زير اضافت ڪم آندل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي موت! جڏهن ايندين،
ڪنهن وقت بہ مون غافل پَل لاءِ نہ پائيندين!

*

اي موت! پُڇيئہ ڪنهن لاءِ؟
هر وقت تہ ٻاهر آ، ڪنهن جاءِ ڪڏهن ڪنهن جاءِ!

*

ڪو ڪئت نہ هاٿي جو،
ڪيڏو نہ مگر سوچيو تو آهي سياٽي جو.

*

هي پَٽُ منجهان پينگهون،
تو لاءِ اسان باقي، ڪجهہ سالَ پيا اِينگهوَن!

*

ڪئن ڳوٺَ ڇڏيندس مان!
جنهن وقت سکر آيس تو ڏانهن بہ ايندس مان.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوتارَ اچن ٿا پيا،
تون آنهه لَڏي سان گڏ، آثار لڳن ٿا پيا.

*

هي پَنڌُ پَهاڙن جو!
هيسِين تہ پُلو ناهيان ڪو هَنڌُ پَهاڙن جو!

*

ڪيڏانهن جُهڪي ڏاچِي،
اڄ ڪالهہ سياست جي مون واڳَ ٻَئِي جاچِي.

*

هِڪُ مِينهَن ڪَري ڪَڙڪا،
ٻيو وِڄَ وراڪا ڏي ۽ رعد ڏِئي دڙڪا.

*

طوفان لڳا ڏاڍا،
ڪيڏيون نہ ٽٽيون تاريون، ڏِسُ ڏارَ پڳا ڏاڍا!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري تہ ٽِئي پَن ڇَڻَا!
ڏسجانءِ جڏهن پائن، پهراڻ نوان وَڻَ ٽَڻ،

*

سُو سجَ ڪِڙي پوندا،
جنهن وقت بسنت ايندو گل اِئَن ٽِڙي پوندا!

*

هي روجُهہ هيو رِڻ ۾،
جو رات ڇِلانگن سان ڪيڏانهن ويو ڪِڻ ۾!

*

ٽِي بَسَ وڃي ٽَڪِڙِي،
هِي شهَر وَڏي ٿو يا ٽِي چارَ اُٽي مَڪِڙِي!

*

ڪو ڇَرس ڇِڪي اڳيان،
آ بَسِ هوا وانگر ٿو موت وڃي ڏکَ تان.

*

جي پارِ ڀِڳا ڪَرها،
ڇا لاءِ پُڇِيئِہِ هاڻي آرهاڪِہِ هُيا سَرها!

*

ڪا باڪَ اُڀِرڻي آ،
هن سڄَ جيان سَچ جي ڪا ساڪَ اُڀِرڻي آ!

*

تون سوچ تہ ٻَنڌُ آهيان،
نانڪ بہ گـرنـٿ آهي ۽ مان بہ گـرنـٿ آهيان.

*

جا واٽَ وِڃان ٿو مان،
ٻيرا تہ ڇِڻا آهن اي ماٺَ وِڃان ٿو مان.

*

ٻانيان تہ ڀُلو آهي،
پنجاب نہ ٿو ڄاڻي ٻاهو ڪِہِ ٻُلو ڇاهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون لاءِ پٽائيءَ جو،
ڇا لاءِ سڏائين هو پيغام جدائيءَ جو؟

*

هر وقت سنڌ ساڙُون،
تون دورُ سَهين تِرڪن، ڪنهن وقت به ديوارون.

*

آ پارِ پٽڻُ ڪَرٽو،
ريڊارُ تہ سڀ ڪان پو، اِڳوات تہ ڏَڻُ ڪرٽو.

*

هِي سِرَ نہ سِرُون آهن!
جيڏانهن به ڏس پيلو ڪيڏا نہ مِرُون آهن!

*

ويساهہ ڪيو وپڙها،
ڪنهن وقت وري ايندا شهتوت مٿان هيڙها!

*

گهنگهور گهٽائن ڪان،
هوڙا تہ ٻچي ويندا، پَر تيزُ هوائن ڪان؟

*

اڄ چَنڊُ تہ سانڻُ آهي،
تون وڳِّ وٺي ويندين؟ ڪجهہ دورُ وٿاڻ آهي!

*

اي خواب! ٽِڙيا ماشا!
جڻ ڳاهُ ڳُجهن جو ها ڪنهن هَنڌِ سَوين لاشا!

*

ڪجهہ ڏُونڊَ پئي تاڙي،
ڪا هِلِّ هوا ۾ آ هيڏانهن ڳِچي لاڙي!

*

ڪيڏانهن ڪَهن ٽا پيا؟
گهوڙا تہ سَوين ٽُڪرا جڻ هيٺِ لَهن ٽا پيا!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جَهنگَ وَڏو آهي.
هيڏانهن لَڙُون هاٿي، ايڏانهن ڪَڏو آهي!

*

تون آنهه تہ پاٿيءَ ۾؟
هوشو بہ مَئو هو پَر ٿِي ويڙهہ مياٿي ۾؟

*

هاٿي تہ دَرندا ها،
ڪنهن وقت تہ ڄڻ مون وٽ انسان پرندا ها!

*

تون هونءَ مَري ويندينءَ،
اي سِنڌُ بَچِي ويندينءَ جي هاڻِ ٺَري ويندينءَ.

*

ڪيڏِي تہ ڪَڏي ڪُرسي،
مونکي تہ اچي ڪِرسي، ٿو نانءُ ٻَڏي 'ڪُرسي'!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شهر تہ پيلو آ،
ڪيڏا نہ مِرُون آهن انسان اَڪيلو آ!

*

ڇا لاءِ جُهرِين ٿو تون!
جي روس اهو ناهي ڇو پاڻُ نہ ٿِين ٿو تون؟

*

وِجُهہ ڏوڙ سياسَت تي!
انسان رَهيو آهي ڪنهن وقت بہ هڪ مَتِ تي؟

*

ماڻهو بہ مرُون آهي،
هُو 'آنءُ' رڳو آهي، ڪنهن وقت بہ تون ناهي.

*

ڪجهہ وقت 'اسان' آهي،
تاريخ پڙهي ڏسندين بالآخِرِ 'مان' آهي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ڪڪَ! سياست جي،
تو روز هٿين مونسان ڇو جڪَ سياسَت جِي!

*

تو چونہ ٻُڌو مونکي؟
تو ڪوڙ هلي ڪيڏو تو ڪونہ ٻُڌو مونکي.

*

هڪڙا تہ سَهن وانگر،
ٻيا ڏِس تہ لڳن تا پيا نَاهر جي نَنهَن وانگر!

*

تون قومَ ڪٿي آهين؟
تون خود ٻہ نہ ڄاڻين ٿو، چاهِين ٻہ تہ ڇا چاهين!

*

تون خَبطُ صدين جو آن،
سمجهين تہ ائين ٿو ڄڻ تون رَبطُ صدين جو آن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي مِينهَن! مَرڻَ ايندا،
تون تارِ تَرائِي ڪَر، هَر راتِ هَرڻ اِيندا!

*

اي هُبَّ هَلي ويندينءَ!
ڇا ڪونہ وَسائِيندينءَ تِي اَبَّ هلي ويندينءَ؟

*

ڇا لاءِ پَلا واريءَ؟
طوفان ڏَڪيا آهن، هر وقت سَلا واريءَ!

*

اي ڀاڙَ ڪري ڏاڍا،
هوءَ ڇِبَّ وَئِي اَڏِرِي، چرڙاٽَ ڪري ڏاڍا!

*

ائن وَهڻُ نہ پاڇاريءَ،
اِن رِيت لکيو آهي هي ليکَ بہ ليکاريءَ!

*

مون کي نہ ميارون ڏي!
◆ ڄڻ وڄ ڪِري پئي آ اڄ ڏنِ مٿان تنهنجي.

*

توئي تہ کھُريون ڇورا!
❖ ٺَر ڪالهہ وَيا تيلهي، تون ڪاءِ ڪُريون ڇورا!

*

جنهن وقت پَوي پارو،
گورو بہ ڏکي تَنهن ۾ تو جيئَن ڏڪي ڪارو.

*

ٻي ڪابہ دوا ڪِينَ آ!
هِي مرض سياست جو، تَنهن لاءِ ڪِلوٽِين آ؟

*

تو لاءِ تہ کھاٽَ آهي،
ڪِن لاءِ ندي جنهن مان ٿي ناوَ اُڇاٽَ آهي.

*

◆ ڏنِ: گاهہ يا اَنُ ڪٽڻ ڪري اوڪي وقت لاءِ ڏن ٺاهيندا آهن، جيڪا باهہ سان نہ سڙندي آهي.
❖ ڪُريون: هنداڻ جا سُڪل ب...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي شهرُ بہ مانگرڙا،
جِن پيٽُ نہ ڀرجي، هر چيزَ لڳي ڏَرڙا!

*

تا واتَ هلن هِتڙي،
مانگر بہ مِلَن هتڙي، ويسَر بہ پَلن هتڙي!

*

هي ٽِنڊ مٿان ٽوپي!
ڪيڏي نہ لباڙ آهي، ڪلهہ رات هنئي ٽو، پِي!

*

ڪيڏو نہ هيو ڪِيدِي!
جو ڪالهہ مُئو پُڇندي ڏاڙيل مُحَب شيدِي!

*

قانون بہ تون آهين،
قارون مُئو ناهي، قارُون بہ تون آهين!

*

ڇا ٿياس مٿان ٿنگجُون؟
بي موت مَرُون يارو! ڳالهيون نہ ڪيون جنگ جون؟

*

آثار چون ٿا پيا،
هو اَبَّ پٽِي اُيري چٽندرا بہ پون ٿا پيا!

*

ٿَڻُ آهہ تہ آهي ٿرُ،
ڪارائڻ ٿِيو آهي هن وقت اُتر اوڀَرُ.

*

تون چُپ تہ ڪَرِ چَرڙِي!
تو اَبُ لڳي سارو ڪيڏِي نہ ٽِتَر ڪَرڙِي!

*

ملهار تہ ڪجھ ڳايو،
هن وقت ڏڪڻُ اولهہ، آيو ڪہ اِجھو آيو.

*

تاڙا ٻہ تنوارن ٿا،
ڪجھہ مورَ ڪري دانهون، اي اُڀ پُڪارن ٿا!

*

ڇا لاءِ ڪَنهيَءَ ڪِياڙِي؟
سَچ چَئُہ تہ بري ٻَڪ ڪان ڇا آهہ نہ ٻُوتاڙي؟

*

ڪجھہ خوابَ ڇُپائي رک،
ٻي راتِ ٻہ اچڻي آ. اُن لاءِ بَچائي رک،

*

ڇڻ ڪُتَ سَتائي ٿي!
اي موتَ اِئَين مون کي ھي رُتِ سَتائي ٿي!

*

هُو چَنڊُ مٿان چَڪلي،
ڪجھہ لوڪ لَڇا واريُون ڪيڏانهن پَيو هَڪلي؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھي ڀاڙِ سياست جي!
ڪيڏو نہ وئي وِڇڙي ڪو راڙ سياست جي!
*
جنھن وقت پکِي ايندا،
منجر بہ مَلھي ويندو تو گھَرِ بہ سڪِي ايندا!
*
ھن وقت تہ ڀَر ڀيڙي،
مانِي بہ پَچِي ٽِي پَئِي گھر گھاٽُ بہ آ ڀيڙِي.
*
ڪو ڦَٽُ سُڪو ناھي،
آ مَڏُ ڇُڪي باقي ڪو مَٽُ سُڪو ناھي!
*
ڇا سَچُ مَرِي ويندو؟
ڇا رڪَ وَڃِي رھندِي، ھي مَچُ ٻري ويندو؟
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو نہ سَڙِين وينو!
تو ڪجهہ نہ ڦِٻي توکي پر گهات گهَڙِين وينو!

*

ڪيڏِي نہ وَڏِي آهي!
ڪيئِي تہ ڪُنا اِن تِي هِي آس- اَڏِي آهي!

*

هي ٽَنبَ ڏِسو ٽاڻَن!
آ ڍَڪَ وَڏو تِن تِي جيڪا بہ وَڏِي ماڻَن!

*

سَڀِ ڏارَ ڪَپيل آهن،
جنهن وقت رڏون آيون ريڊارَ ڪَپيل آهن.

*

هي ٻيجَ ٻنيءَ ٻاٽان!
تون آءُ وري موتِي ٻي ڳالهہ نہ مان ڇاٽان.

*

ڏِس سانتِ اَڪيلِي آ،
تون آءُ هلي تو لَئِہِ ڪيڏي نہ حَويلي آ!

*

اڄ ڪالهہ مڪين وانگر،
انسان ڪڏهن ٿيندا آزاد پکين وانگر؟

*

◆ اڌ رات، رڳي ڪانجهي!
ٻيڙي تہ ٻڏيءِ پَرتي ڪجهہ وقت اَڳي مانجهِي!

*

❖ هي ڪامِڙيا آهن
ڪامو بہ پيا ڪوٽن، ماني بہ پيا ڪائِن.

*

جڻ تيز ڇُرو آهين!
تون دوست بہ آن منهنجو، دشمن بہ ٻُرو آهين!

*

---

◆ ڪانجهي: ڏاڍا پترا چانور، گهٽي لوڻ وارا.
❖ ڪامڙيا: مزور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن وقت ستائين ٿو،
پڇتاءُ به پاڻ آهين جي ڪَنڌُ ڪَپائِين ٿو!

*

هي سُرخ سلام آهي،
ڪنهن کي تہ مُئا ڪن ٿا ڪوئي تہ مقام آهي!

*

ڇا گھنڊَ رُڪو گِرجا؟
◆ تون آنهہ پروهت پَر پَربِين آٿي پِرجا!

*

تو ڪانوَ تَڙِي ماڙهو!
هي ماڃ چڳِي ناهي گھٽ ڪاءُ اڙي ماڙهو.

*

ڇا وَسَ رُڳو واڪو؟
تو لَڪُ وَڃي آڏو ڪيڏو تہ نہ چاڙها ڪو!!

*

◆ پَربِين: باشعور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَنهنجي نہ مَڃيندي آ،
ڌَرتِي تہ سَهي وانگر هَر وقت چِٽيندي آ!

*

اِئن ساڙَ سَڙِي ويندين!
ڪا لهس نہ تو ايندي، جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

ٻُڪ ۾ تہ ڪَچا ڪائي
ڌَرتِي تہ ڪَتِي آهي، تي روز ٻَچا ڪائي!

*

ڳڏ آنهہ نہ ڳڏڙي ۾؟
تون دُور لڳين ڪيڏو پيو هونءَ تہ سَڏڙي ۾!

*

ڳڏ آنهہ تہ گوڙيءَ ۾؟
هي چنَ ڪِ چيرولِي آ وَقتَ- تِجوڙيءَ ۾!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا موت ٻرو آهي،
پر هيءَ حياتي خود، هڪ ٽپرُ ڇِرو آهي؟

*

تو وَٽِ ته ٻه ٽي مينهون!
گهر ڳهاٽُ ڇڏي ڪنهن لَئِہ درياه اَندر پيهون!

*

اڄ رات اُڪيڙي ٽِي،
ڪيڏا نہ سَلا پاڙَون برسات اُڪيڙي ٽي!

*

ڪٿُن لُونءَ ٻِلي لولِي!
تون ٿَڃ جيان ڪنهِجي، ڪَنهن وقت هُئينءَ ٻولي!

*

◆ آ مُندَ نہ آمَن جِي،
توکي تہ اڃا عادت بي وقت اُڏامَن جي!

*

◆ آم: انب

بندوق نہ تو تاڙِي،
تو جَجُ ڏئي فتوي، ڪنهن لاءِ اهو چاڙِي!

*

واپارَ سُمهي پيا سَپُ!
ڪيڏا نہ هَڏا چوسي هاتارَ سُمهي پِيا سَپُ.

*

کهڙي نہ صَدي آهي!
واڳون نہ جِتي ڪيئِي اهڙِي بہ ندي آهي؟

*

اڳ جيئَن نہ جوکو ٿي،
هاٿي تہ هَلو سوچي، پيهار نہ دوکو ٿي!

*

تون دوست ڪِٿي؟ وِڇُون!
حيوان چڱا آهن انسان نہ آهين تون!

*

اي شمع ٻُجھي ويندينءَ!
آ رات وَڏي، ڪيسِين تون روشنيون ڏيندينءَ؟

*

تـوڙي تـہ ٻُراڻـو آ،
هِن هَنڌ وَڏا ٻوريل، هي شهر اباڻو آ.

*

بيڪـار وئي گولِي،
ڏوڙيو تہ ڪٿي ناهي هر هنڌ رُڳي هولِي!

*

ڪنهن لاءِ اهي قبرون؟
اخبار پراڻيءَ تي تون آنهہ رڳو خبرون!

*

انسان جِئَين ڪُتا!
ڏِسُ ڍونڍُ ڏِسِي تِن جا، ڪئن ڏَندَ وِڄي ڪُتّا!

*

ڪهڙو نہ شهَر آهي!
◆ آ چنڊ اُهو پيالو، جنهن منجهہ زهر آهي.

*

هي سَڙڪ سويري ئي!
اڄ وچ تہ اُداس آهي، ڪيڏي نہ اَنڌيري ئي!

*

پيهلڙَ بہ واڇوڙُو!
ڇا جِندُ ڇڏائيندو هاڻي بہ نِمي ڀوڙو؟

*

تِي پير ڏَنيي ڌرتِي،
چُپ چاپ رهان تو مان ۽ روزُ رَنيي ڌرتي.

*

ڇا رات اڪيلي آ!
ڪوراڙِ جيان ڀيلو، ڪوئي بہ نہ ٻيلي آ!

*

◆ سنڌيءَ ۾ شهر ۽ زهر ۾ 'هہ' متحرڪ آهي. اُنکي ساڪن ڪرڻ فضول آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❖ ڇا ڳالهہ اَدلَ آهي؟
سڪرَ تہ تڏيرو آ يا مُندَ بدل آهي!

*

آهي نہ اڃا ٽيڙهي؟
ٽِي ساهُ ڪڍي وڻ جو اُيري بہ تہ وَڻ ويڙهِي!

*

ڪيڏانهن وَڃِين ٿِي تون؟
آ تِڪَ ڳهٽي اِڪٽي ڇا لَئِہِ نہ مَڃِين ٿِي تون!

*

اي لاڙَا! ڏُکيو آهِين،
هو چَنڊُ، هَوا ڏاڍِي، پر تون تہ ٻُکيو آهِين!

*

بي حياءُ پاڙو آ،
آدمي ازل کان جِت موتَ جِئَن اگهاڙو آ.

*

❖ ادل: ادل سومرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَڏ ڦٽُو پيو ٿاهي،
◆ ڪوئَلون وَريُون آهن، اُبَ اُپَ ۾ آهي.

*

جِنَ وَتِ سِڪَا سُنهرا،
ڪيڏي اَٿاهه اونده سي چَنڊ چَنڊ چهرا!

*

هو هونءَ ته دنيا ساريءَ ۾،
● پر جامَ جيان ڳلرنگ لڳو ٿي فيضَ لياريءَ ۾.

*

ويٺا چَنڙ ڪيڏن!
ڇاٽن تا ڳهيراءُ ڪيو آ تن جو لِياريءَ ڪيڏَن!

*

گهرُ گهرُ گهاٽي ۾،
ٽاٽيدار ته وينو آهي، پنهنجي ٽاٽي ۾!

*

---

◆ ٽر ۾ ڪارن ڪڪرن کي ڪوئلون به چوندا آهن.

● فيض: فيض احمد فيض.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو دونهون آ!
هي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو، ڪوئي سونهون آ؟
*
هِن ويراني ۾،
ڏِس ڪيڏِي ڦُر مارِ هلي ٿِي جوئا خاني ۾؟
*
ساڳي دنيا ناهي؟
ڪو پيرو مل هوندو پر ڀي هيءَ ڪراچي آهي!
*
سيَدَ، سيَدَ تون!
ڳالهه ڪرين ٿو ايڏي ڇا لَءِ، ڏيئي شَد مَد تون؟
*
آءُ ڪِلفٽن آءُ!
سَمنڊ جيان جو ڪارو آهي، پاءُ نہ جاڻي پاءُ!
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي چوريءَ ڪي،
ڇڏ ڪٽِي تون، ڏاج مليو آ ڪيڏو بوريءَ ڪي؟

*

ٻي ٻِي سي ٻُڌ ندين؟
روز ٻڌين ٿو ڪُوڙيون خبرون، ڪا سَچِي ٻُڌ ندين؟

*

ڪيئي واتَ وَڏا!
مورِڙيا! هِڪُ مانگر ناهي، ڪَنُ ڪلاچيءَ جا!

*

ڏس ٻپر ڀَڪا ڏاڍا،
گهر آءُ رلِي ٿُنهنجا اڄ ٻَپر ڀَڪا ڏاڍا.

*

ٻَؤ ٻول هليو ويندو،
هِي چندُ چُمِي ڏيئِي ٻو رول هليو ويندو!

*

پِي ڪُوهہ تَري تائين!
هي چَنڊُ بہ پِي وڃ جو، آ هيٺ پَرِي تائين!

*

جي جيءُ جَڏو آهي،
چو ڏيان ڏِيان ان تي، ڪيڏانهن لَڏو آهي؟

*

اڄ جَهڪَ لڳي تِي پَئي،
تون نيٺ هلِي ايندينءَ مون پَڪَ لڳي تِي پَئي!

*

جڏهن پاڻ جُهلائي ٿِي،
اڄ آهہ بسنت آيو، هِي ٻيرِ ٻُڏائي ٿِي.

*

اڄ جِيئَن نہ واڙيءَ تي!
هي رات مٿي گذري جيڪر تہ پهاڙيءَ تي!

*

آ ڪَلَّ پئِي تو ڪا!
تي مَند پئي گذري ۽ ڏنگَ ٿيا ڏوڪا.

*

جھولا ٻہ هُيا جھولا،
ڪلھہ اَنب ڪِريا ايڏا تي لوڪ ڀَريا چولا!

*

ڪلھہ رات ڀِهاڙن جِي،
تي چندَ ڪئِي مونسان ڪا بات ڀِهاڙن جي.

*

ڪيڏا نہ پَڪِي آيا،
پَر پاتِ ڀَريئِہ جيڏي، ايڏا نہ پکي آيا.

*

هيڪار حُبابن کي،
درياھہ ڪِناري ڏس، ڏي باھہ ڪتابن کي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ ٻيرِ ٻَري ڪيڏي!
سڀ ٻيڙَ ڇٽي ويندا، تون ڏونڌَ نہ ڏيي ايڏي!

*

تون روڪ نہ ڪانياٺي!
ءِ ڇڏ تہ ٻکي پيئي ٻَل نَهر منجهان پاٺي!

*

نينڊينءَ ٻہ تہ تون ڇا ڇا!
درياهہ ڪٽي ويندو اي نمرُ سندءِ پاڇا!

*

هي نِمرُ مٿان ڪان ڪان،
ايندو ٻہ پرين ڪانگا يا ڪالهہ جيان ڪان ڪان!

*

مونکان ٻہ ٻُجهون ڳالهيون!
تو سونُ ٻَري جِن ۾ سي ڇَنڊَ مُڪَيئہِ ٽالهيون!

*

ائن ڏينهن تڳن تا پيا،
تا اَنبَ ٽُڪِن طوطا، جهولا بہ لڳن تا پيا!

*

جئن ياٽرَ چُمِي ٽَڻَ تي،
تو ڏار چُمِي اَن کي آ چنڊُ لَٿو وڻَ تي.

*

ڪِٿ رَين بسيرو آ،
اڄ رات تَڏِي آهي ٻيو ياٽَ انڌيرو آ!

*

ڇا هيل ٽِڙيا آهن!
جيڏانهن بہ هلنداسين رابيلَ ٽڙيا آهن!

*

جڻ ڍِڪَ ڍِڪيو ساوَڻ!
هوُ ڏينهَن ڏِٺي تو ۾ درياهہَ لڳا ڏاوَڻ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ سُمهه نہ هِتي ڇَت تي،
تہ ڳَلَ ٻِرن تُنهنجا، تہ چَنڊُ چمي ڇَت تي!

*

هي آلَّ ٽپهريءَ جا،
۽ واءُ سرءُ جي ۾ هِي پَلَّ ٽپهريءَ جا!

*

پَل ڳِهندَ پيا ڪَڙڪن،
تہ ڪونہ مُڙن طاطا، شهتوت پيا لَڙڪن.

*

زيتونَ ٻَري ٻيڙي،
اڄ رنگَ شفق جي ۾ تِي ڪِئَن نہ تَري ٻيڙِي!

*

جنهن وقت ڳهرينءَ گهر ۾،
۽ گهوٽَ ذِنِئِہِ گهُوري تہ سَڄُ ڇڏيو دَر ۾.

*

جنهن وقت پَکا آڙو،
تو ڪونہ ٻڌو مونکي ٿي آنءُ چيو 'ماڙهو'!

*

هي مِينهَن ڪجورين تي!
جُهڙ آهہ ٿِيو گهاتو هِي ڏينهَن ڪجورين تي!

*

ها سَسَ تہ ڇُڇِي آ!
پو ڪيئن پَروڙي وَئِي هي نُنهَن بہ تہ لَڇِي آ!

*

هي ڪاٺ ڪٺِي ڪِيئون!
ڪئن رَنگ ڏِسِي ههڙا برداشت ڪري هِيئون!

*

ڏس رات رَمي پيئِي،
تارِي تہ تڙِي آهي، ڪا چيز جَمي پيئِي.

*

هي سونَ وَنيون شامون!
چا سڄ پَرندو هو اَڏريو تہ لَڏيون لامون!

*

ڪيڏيون نہ چِتيوَن چوليُون!
اي چَندَ پَئي سمجهيون، توئِي تہ سَندن ٻوليون!

*

درياھہ سِتارن سان،
تو چَندُ وجي اَن ۾ ڪيڏانهن ڪِنارن سان؟

*

مون لاءِ فقيرن مان،
تو چندُ ستارن سان، سمجهو تہ اميرن مان!

*

اڄ رات سُجاول ۾،
آ چنڊ ستارن جي ڪيڏيءَ نہ ڏکيءَ وَل ۾!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◆ آ رات لَڙي راڄڙَ!
❖ قادر تہ پَيو پيئي، آ ٻَڪَ لڳِي راڄڙَ!

*

آ رات لَتِي ساتي،
ڪجھ نانھ صراحيءَ ۾ ڪا ڀِي ٻہ اَتِي ساتي!

*

ڪَن ڪانوَ پيا 'ڪان' 'ڪان'،
تي سانجھِ سَرءَ جي آ، مان ڪجھہ تہ پيو سوچيان!

*

جڻ موت هوا ۾ آ،
هي چنڊ سَرءُ جو آ، يا آڳَ چِتا ۾ آ؟

*

سَيَّ نِرُ ڪِتي تيندِيون،
اڪثر تہ نموريون ائن بيڪار ڇٽي ويندِيون!

*

◆ سرفراز راڄڙ.
❖ عبدالقادر جوڻيجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ چَنڊُ جِهڪو آهي،
ڦهلاءُ سندس ٻَڙ تي ڪيڏو نہ ڦِڪو آهي!

*

چڻ سڄ سَمائِي آ،
اڄ شام شَفق پَنهنجِي چانپي تہ ٻڏائي آ!

*

ٻيڪارَ اَٽيا آهن!
تو چنڊ لَهي هاٿي ريڊارَ اَٽيا آهن.

*

پَل چارِ حياتيءَ جا!
ڇا لاءِ پيو ڳائين هِي گيت مماتيءَ جا؟

*

اهڙا نہ اَننتن جا،
کهڙا نہ چڱا آهن، هي گيتَ بسنتن جا!

*

رابيل ڦُٽي آهي.
اڳ اِئن نہ سُڳنڌ اَن جِي جئن هيلَ ڦٽي آهي.

*

جڻ ڏَيلَ اَڏامي ٿي.
ٿي واءِ اَڏامي يا رابيلَ اَڏامي ٿي؟

*

ٿي دورَ رَئِي جهومي،
آ لَنب سُڪو اَن جِي پيلاڻِ پَئِي جهومي.

*

هي شامَ، شَفق- لاوان
◆ آ لَنب اَچا سائو، ميدان تہ ميٽاوان.

*

مُڪڙي ٿي اَٽِي تِرُ يا،
ڪو مُڱَ پيئہ چِنبڙي، تو ڪيتَ پَئِي ڦِريا!

*

---

◆ نوٽ: لنب جو ٻوٽو سُڪي، پيلو لڳندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تَرُّ مَٽان هيرَڻُ
ٻِي ڏُکُ ٻہ ٽِي وِيٺو ڪا ڏيرِ مسافر چڻ!

*

ڇا لاءِ نِميُون لاٽيُون؟
آ واءُ سرءُ جي يا هُو اَٿ ٻِڳچي تاٽيون؟

*

اَڌ رات، ڪجيون، نِيرو،
ڇا پو ٻہ لِڪِي پِيئُون آ چنڊ تہ پاسِيرو؟

*

ٽي ٻاک ڦِٽِي هاڻي،
تارا ٻہ ٻڌن تا پيا، ٽي رات ڪُٽي هاڻي.

*

تو روجُهہ اَچي وِيريءَ،
ڪيڏو نہ اَجايل آ جڻ اوجهہ اَچي وِيريءَ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ باک پَئِي هاري،
جيڪا بہ چِڪي پيئي، سا ڏاکَ پَئِي هاري.

*

هي راتِ ڪَڇهريءَ جي،
ڪيڏي نہ پئي آهي برساتِ ڪَڇهريءَ جي!

*

آ سمنڊ تہ آئينو،
◆ ڏس ڪئن نہ ٺہڙڪو ڏئي ڳَڙڪائي مَڇي ڪِينو!

*

برساتِ، اَڪيلائِي؟
ڇا لاءِ وَٺي ٿِي پئي اڄ راتِ اَڪيلائِي!

*

هي راتِ ٿَريءَ باهيون!
آ پَنڌُ پَري ڏاڍو، ڪجهہ وقت پَٽيُون ساهِيون.

*

◆ ڪينو: سمنڊ جو پکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي هانوَ! لَنوِي ڪنهن سان!
◆ بَرسيمَ ڪجورين ۾ تو لانوَ لَنوِي ڪنهن سان؟

*

ڪيڏو نہ اُيارَ آهي!
آ سمنڊ پہ پهريءَ جو ڪو آر نہ پارَ آهي!

*

هَوڏانهن نِمُون سايون،
هيڏانهن پَڙا پنهنجا سڀ ڳاڙهہ- سَرا پايون!

*

تون آهہ اگر واندِي،
ڇا سونهن لتاڙيندينءَ؟ گل پوکِ نہ پيراندِي!

*

جِڻ گَجَ پَريان باريُون،
ٽِي کوهہَ مٿان آيون اِئَن جهونجهڪڙي ناريُون!

*

---

◆ بَرسِيم: گاهہ جو اُتر ۾ ڪجورين جي وچ ۾ پوکيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ هاءِ ڪجورين جُون،
اي چنڊ اُپيون پانهون تو لاءِ ڪجورين جون!

*

ڪيڏي نہ ڪُٻي آهين؟
ساريون تہ ويون ڪپجي جَڻ تون تہ ٿُٻي آهين!

*

سارنگَ پيا سارِيون،
ڪيڏي نہ اُساٽ آهي، اَڄ اُڄَ جِئين آرِيون!

*

اهڙي تہ ٻُرِي آئي!
آ ڊيڙُ تيو گهرڙو، ڪلهہ رات لُڙِي آئي.

*

هِي مرگهہ ڇپائي ڇڏ!
رينجر بہ اجهي آيا، اڄ ڪَنوارِ لِڪائي ڇڏ!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تويا تہ هُيا ڪيئِي!
◆ ڪنهن جاءِ پَري جنڊو، تون راهہ رَمڻ پيئِي!

*

آ رات لَهِي آئِي،
تِي جامَ ستارن جا، مون لاءِ ڪَهِي آئي.

*

آڪاڙ مَٿان اُپري،
سج نِنڊَ منجهان نڪرِي ٿو لاڙَ مٿان اُپري!

*

تون آءُ تہ هِي تر آ!
ڇا لاءِ جُتي پائين ڇَڻ پَٽُ پَٽيهر آ!

*

جَهنڪار وڄي ٿِي پئي،
ڪنهن پنڌِ ڇڏيو ويڙهو؟ ڇا ڪنوار وڃي ٿي پئي.

*

---

◆ ترِ ۾ جنبن ۾ دلا پيري ٻنهي پاسن کان رکندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ مُندَ انارن جي،
چُلڪاءِ نہ چورِي تون ھي بوءِ بھارن جي!

*

ھا، سَر بہ تہ ڪيئي ھا!
اي چَنڊَ ھُئين جن ۾ ساگر بہ گھٽيئي ھا!

*

ٿي چَنڊَ ڏنو سِينو،
ڪلھہ رات ھئي چَوڏس، ھو سمنڊ بہ آئينو.

*

سُھڻو تہ ھُيو سپنو!
پر پوبہ پکيڙڙي جو، پڇرو تہ ھُيو سپنو!

*

ميندي‌ءَ رَتل ھٿ ۾،
◆ ڪيڏو نہ وَٽي پيئي اڄ ٻارَ ڪَتل ھٿ ۾!

*

◆ ڪتل: ڪارڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُپ چاپ نہ هڪ پَل هو!
لهرون تہ هُيون لهرون، پَر چند بہ چنچَل هو!

*

اڄ مِينهَن پيو آهي،
تي سانجَهہ لَهِي سَر تي ڪُجهہ ڏينُهن پَيو آهي.

*

تو ڏانهن ڪَهِي آيس،
اي چَنڊ گهٽائن ۾ مان راتِ رَهِي آيس.

*

هي گهاٽَ مٿان گيڙُو،
تِرسول هيا هيٺان ۽ اُڀَّ مٿان تيڙو.

*

جَڙ پَلَّ اَڏامن تا.
آ وِيلَ تِپهريءَ جي، اڄ آلَّ اَڏامن تا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا سَردُ فضا آهي!
تِي رات تِئي پُورِي کهڙي نہ هوا آهي!

*

هي واتَ وَڇيرن جي!
ڳنڪار ٻَڌي آهي تو هيئَن ٻہ ڳيرن جي؟

*

ڏِسُ، ريت تہ آ ڳاڙهي!
جئَن سجُ لٿو تر تي، هر پيٽَ ٻڌي ساڙهي!

*

اسرارَ ڏسين ٿو تون!
◆ چَر واءُ جيان جنهن ۾ سو چارَ ڏسين ٿو تون؟

*

هي ٻِرَ ڇڏي تِنڊِ ٽيون!
جڙ ڄڄَ وَڇي تِي ڪا، ايڏيون تہ وِڳيون گهَنڊِ ٽيون!

*

---

◆ چار: ڪبڙ جو وڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هيل ڏئي خوشبو،
ڪيڏي نہ عجب اگ ڪان رابيل ڏئي خوشبو.

*

تو سڄَ لٿي راٽِي!
آڪاشَ منجهان چوريءَ آندِي تہ نہ ٻوراٽي؟

*

ٻي ڪي بہ ڪَهَل ناهي،
جئن گاهہَ مٿان هَرٽِي، تو باڪَ مَهَل ناهي!

*

جنهن وقت بہ ڇانورڙو،
۽ اَپ مٿان بادل، آ سڄَ بہ سانورڙو!

*

اڄ ڏينهن تہ ڇڙ ٽاندو!
◆ آ سڄَ لٿو ٻرٻَر، پَر پوءِ بہ پوچاندو!

*

◆ پوچاندو: جتي پٽ جي ڦاڙي هجي، اُن جاءِ کي چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باادل نہ گڏيا آهن،
اَڄ سڄ اَپار آهي، هيرَڻ نہ هُڙيا آهن!

*

هو چار مٿان دوڏو،
❖ ڪيڏانهن ويو اُڏري، جنهن ٻار ڏنو لوڏو؟

*

◆ ڄڻ ڪوسُ پَوَڻ تي آن،
هيڪار پَري آئينءَ ٻيهار پَوَڻ تي آن؟

*

لُوڻاٽَ ائين واريءَ،
جنهن سَمنڊُ هٽي ڇوليون! آ واٽَ اَئين وارِيءَ!

*

ڏڳُ روز اَلي ويندي،
ڪَنهن وقت سڳنڌ ايندي، ڪنهن وقت هَلِي ويندي.

*

---

❖ دوڏو: بلڪل ڪاري رنگ وارو، ڪانو ڪان ٿورو وڏو پکي.

◆ پوَڻ: ڪوهہ ۾ ڪُپي جنهن کي ڪوس (ٻوڪو) پاڻي پرڻ لاءِ هيٺ لاهبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِسُ سونَ مياڻيءَ تي،
ڪيڏي نہ شفق ڳهِري چا رنگُ نہ پاٽيءَ تي!

*

ڪيڏو تہ نہ آڪاڙهو!
آ سِجَ تَتو سَسئِي! ٿو دور وجي هاڙهو!

*

چا سانجهہ سُنهري آ!
پر عُمر تہ وَس ناهي هِي ناوَ اُڀِهري آ!

*

مَهراڻُ وَهي ٿو پيو،
تارَن تہ ڏنا ٿوپا پَهراڻُ ٿَهي ٿو پيو.

*

ماندائُ اُڏيڙيو ٿِي!
اي راتِ، سندءِ جُڳنوءَ پَهراڻ اُڏيڙيو ٿِي!

*

ٿي سيءُ نہ ڪارونجَھر!
وَڻ واءُ سُڪايا سَڀُ ڪو جيءُ نہ ڪارونجَھر!

*

ڇا راتِ ٻَري پيئِي!
جگنو تہ پيا چمڪن بَرسات ٻَري پيئِي!

*

ٻَھڪي تہ پيو مورو!
اڄ مينھن پيو ڏاڍو مَھِڪي تہ پيو مورو!

*

ڪنھن مينھَن ڀِنل وَل ۾،
دل ڪِيئَن وَئِي وِڇڙي ڪلھہ راتِ سُجاوَل ۾!

*

ڪلھہ رات سُجاوَل ۾،
جئَن پارِ ٻِڪِي ٻيڙِي، تو ڏانھن ڀِڳس پَل ۾.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهه سِڄُ ته رانپُوتا،
اڄ ڏينهن ٺَريو آهي، ڪجهه مينهَن پِنَا جُهوتا!

*

هِي ڳالهڙِيُون هُن سان!
ماٺهو ته نه مِنٿائو، جنڻ لاٿَ پيو هان مان!

*

اَڄ رات عَجَبَ آهي!
ڳجگات تيا ڪيڏا، نَئن گاڄ غضب آهي!

*

ڇا رات رَتل آهي!
رابيل تِڙي آ اِئن ، جڻ مَڌَ متل آهي!

*

هي ڪارِ بتيون آهن،
تو لِيڙَ لڳي رَستو، تي چار چَتيون آهن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي راتِ اَماوَس جِي!
اَڌ راتِ اَتي ويندين، تو ڳالھ نہ وَس جي!

*

ماٺھو تہ ڪُٻا آھن!
برساتِ پئي آھي، ڪيڏا نہ ڏُٻا آھن!

*

ڇا جيءَ پيو جھمڪي!
جي آگ اُجھامي وئي، ڏِسُ! وِڄُ پئي چِمڪي.

*

ڪَڙڪات ڪِنوَڻ جا ٻُڌ!
ڪيڏا نہ پکي اَڏريا تڙڪاتَ تہ وَڻ جا ٻُڌ!

*

آ مُندَ نمورين جي،
ڇَٽنديون ٻہ تہ ڇا تيندو، ڏِس ڇيچَ تہ ڇورين جي!

*

برسات پَئي آ تَرَ،
اڄ ڪالهہَ نہ ڪاريهَر جِئن راتِ ڪٽي تي ڪَرَ!

*

تون آءُ اَٿي سانوَڻ!
ڪر چَندَ جِيان سَرچِي پَرچاءُ اَٿي سانوَڻ!

*

هي گهنڊ مٿان پوپٽُ،
◆ جئن گهنڊ وِڳو، اَڏريو آڪاسِ ڪَيائين گهٽُ!

*

ڪٽ راتِ پئي آهي!
هر جاءِ وُٺـو سانوڻُ برساتِ پئي آهي!

*

وَڻ ٽَڻ تہ ڏٺاري وئي،
برساتِ پئي ايڏي توهر بہ ٿَلاري وَئي!

*

ڏِس، وِڄَ کِلي آهي!
هي بَجَ گهٽائن جي، چڻ راتِ ٻِلي آهي!

*

◆ گهٽُ: رستو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگيت چِڙي آهي،
جڻ مُند ڦري ويئي، ٿانگر تہ ٽِڙي آهي!

*

چَوَندين تہ گلاب آهي،
تو آنءُ ڏسان خوشبو، مون لاءِ نقاب آهي!

*

جئُن ديدَ دَري ٻُوٽِي،
هڪ ڪارِ پئي آئِي ڪيڏانهن وَئِي گم ٿِي؟

*

رانئِي ريتيءَ رُوءِ،
هي جا پِڻُن پاڪُرين اهڙي ڪائي جُوءِ!

*

آڌيءَ راتِ اَبوءِ!
ڪيڏا تارا آپّ ۾ جن ڪي ناهي پوءِ!

*

جهونجهڪڙي ۾ ماٿَ!
ڪنهنجا ڪنهنجا ميرا ڪَپڙا توتي ڌوبي گهاٽ؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيوفيلڊس جو ايندڙ نئون ڪتاب

## اوڙاهه (ناول)

غلام نبي مغل جو نئون ناول جيڪو تاريخ جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن سنڌين تي ظالمن جو ظلم انتها تي پهچي چڪو هو. موت سنڌين سان پاڇي وانگر هر وقت گڏ هوندو هو. ڪابه جاءِ سنڌين لاءِ محفوظ نه رهي هئي. اهڙي حالتن ۾ جڏهن سنڌين متحد ٿي يڪراءِ فيصلو ڪيو ته......

نيو فيلڊس جو تازو شايع ٿيل ڪتاب

## سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي- ايس- ايس ۽ پي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ)

مقابلي جي امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب، جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي. سليبس ۾ ڄاڻايل 28 ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ (جيڪي تقريباً اڻ لڀ آهن) هڪ ئي ڪاراٺتو ڪتاب پڙهندا. ايم. اي سنڌي جي شاگردن لاءِ پڻ فائدي مند ڪتاب آهي. مصنف: **اڪبر لغاري**- قيمت -/55 رپيا.

شيخ اياز جا تازا شايع ٿيل ٻه نوان ڪتاب

## ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو I)

شيخ اياز هن ڪتاب ۾ 1200 بيت ڏنل آهن جيڪي ٽن هارٽ اٽيڪ دوران احساسن متعلق آهن ۽ 104 صفحن جو طويل مهاڳ اٿس جيڪو موت جي فلسفي تي لکيل آهي. صفحا 362- ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- قيمت -/90 رپيا.

## ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو II)

شيخ اياز جي هن نئين ڪتاب ۾ 180 وايون، آزا نظمَ ۽ نظمن کان علاوه دنيا جي چوٽي جي 120 اديبن، شاعرن، سائنسدانن، دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، سياستدانن، عالمن، ليڊرن، ڄاڻن، وغيره تي نوٽس لکيل آهن. جن مان ڪجهه جا نالا هي آهن: البرٽ ڪامو، ابن رشد، ابن سينا، ارسطو، اسٽالن، افلاطون، البيروني، امام رازي، امام غزالي، امير خسرو، اوسپينسڪي، اٽنا اخمتووا، ايمرسن، ايورسٽ، برگسان، برونو، بڪونن، بيدوون، ٻڌ، ٽالسٽاءِ، ٽراٽسڪي، رابندر ناٿ ٽئگور، پبلونرودا، پشڪن، جان لاڪ، چي گيويرا، ڊارون، روسو، ريفل، سٽفو، شاهه ولي الله، شوپنهار، شولو خوف، شيڪسپيئر، علامه اقبال، عمر خيام، غالب، فارابي، فيڊو، ڪارل مارڪس، ڪافڪا، ڪانٽ، ڪرٽو، گاڊون، وليم، گوئٽي، لزسٽ، لينن، مالرون آندري، مائيڪل اينجل، موزارٽ، گانڌي، نٽشي، والٽيئر، وئگنر، هني بال، هومر، هيگل، هيمنگوي، هيوم وغيره، صفحا 304 خوبصورت ٽائيٽل قيمت -/100 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀل نامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٢ | ٢٠ | تي | تہ |
| ١٣ | ٧ | آهي | آهن |
| ١٣ | ٢١ | ڳاڙهين | ڳاڙهيون |
| ٣١ | ٢ | لَوَڻ | لَوَن |
| ٣٤ | ٦ | ڦٽي | ڦٽيءَ |
| ٣٧ | ٦ | درياهُ تہ سڄو | درياہ سڄو |
| ٤٣ | ٧ | تو | تون |
| ٤٩ | ٤ | سنڌوءَ | سِنڌُوءَ |
| ٥٦ | ٥ | روحِ | روحُ |
| ٥٨ | | ڪاڏانهن | ڪيڏانهن |
| ٥٩ | ٣ | هُل | هَل |
| ٦١ | ٣ | چُپ | چَپ |
| ٦٦ | ٥ | ڌرتي! | ڌرتي |
| ٧٢ | ٦ | ڏاهي! | ناهي |
| ٧٤ | ١ | ڪيڏيون | ڪيڏيون |
| ٧٤ | ٢ | تِن، | مَن |
| ٧٧ | ٩ | ڪلاڪن | ڪلالن |
| ٧٧ | ١٠ | ڪلاڪن | ڪلالن |
| ٧٩ | ٢ | شيام | شيام |
| ٨٤ | ٢ | ٿا ابر اچن وڄُ ٿي | ٿا ابر اچن وچ ٿي |
| ٨٨ | ١٠ | سوڏي | سوڏي |
| ١٣١ | ٧ | چُپ | چَپ |
| ١٥٨ | ١ | لٽنوِي | لٽنوءِي |
| ١٦٩ | ٢ | نہ | نہ آ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري تـو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري تو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪـوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پـو ٻيـو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي تو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book